REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) سومر 11 ڊسمبر 2023 ع بمطابق 26 جمادي الاول 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 195

اسرائيل فلسطينين کي بدترين نسل ڪشي جو نشانو بڻائي پيو: صدر

اسرائيل فلسطينين کي بدترين نسل ڪشي جو نشانو بڻائي رهيو آهي، عالمي برادري فلسطينين خلاف رياستي دهشتگردي تي اسرائيل خلاف قدم کڻڻ ۾ ناڪام وئي آهي

فلسطين جي عوام کي سندن حقن کان محروم ڪيو پيو وڃي، اسرائيلي بمباري ۾ عورتون، ٻار ۽ طبي عملو به شهيد ٿي ويو آهي

پاڪستان انساني حقن جي عالمي پڌرنامي جي حمايت ۽ ان کي برقرار رکندو، پاڪستان ملڪي ۽ عالمي سطح تي انساني حقن جي تحفظ لاءِ موثر قدم کنيا آهن : انوارالحق ڪاڪڙ

ڀارت والاريل جموں ۽ ڪشمير ۾ انساني حقن جون سنگين ڀڃڪڙيون ڪري رهيو آهي، 5 آگسٽ 2019 جي غيرقانوني ڀارتي قدم جو مقصد والاريل ڪشمير ۾ آبادي جي تبديلي آهي

عالمي برادري ڪشميرين جي حقن لاءِ ڀارت تي دٻاءُ وڌي، غزه ۾ نه فلسطينين تي اسرائيلي ظلم بند ٿيڻ گهرجي آهي :: انساني حقن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پيغام ۾ اظهار

اسلام آباد(م د)صدر ڊاڪٽر عارف علوي انساني حقن جي عالمي ڏينهن تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته اسرائيل فلسطينين کي بدترين نسل ڪشي جو نشانو بڻائي رهيو آهي. هن چيو ته عالمي برادري فلسطينين خلاف رياستي دهشتگردي تي اسرائيل خلاف قدم کڻڻ ۾ ناڪام وئي آهي. صدر جو چوڻ آهي ته فلسطين جي عوام کي سندن حقن کان محروم ڪيو پيو وڃي، اسرائيلي بمباري ۾ عورتون، ٻار ۽ طبي عملو به شهيد ٿي ويو آهي. ڊاڪٽر عارف علوي چيو ته والاريل ڪشمير ۾ انساني حقن جي سنگين ڀڃڪڙين تي عالمي ڌيان جو انتظار آهي. هن جو اهو به چوڻ هو ته ڀارت والاريل ڪشمير ۾ انساني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

صدر ڊاڪٽر عارف علوي ۽ نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ (فائيل فوٽو)

15 ڊسمبر کان پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهه ۾ وڏي لاٿ جو امڪان

اسلام آباد (م د) 15 ڊسمبر کان هڪ ڀيرو ٻيهر پيٽروليم شين جي اگهن ۾ لاٿ جو امڪان آهي. عالمي مارڪيٽ ۾ پيٽرول جي قيمت ۾ 5.49 ڊالر في بيرل گهٽتائي ڏسڻ ۾ آئي آهي، پيٽرول جي في بيرل قيمت 94.95 ڊالر آهي، جڏهن ته ڊالر جي قيمت 5.13 ڊالر گهٽجي 100.05 ڊالر جي سطح تي اچي وئي آهي. عالمي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

هڪ جيل مان نڪرڻ ۽ ٻيو جيل کان بچڻ لاءِ چونڊ وڙهي رهيو آهي: بلاول ڀٽو زرداري

چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ مان اميد رکون ٿا ته هو پنهنجي اداري تي لڳل رت جو ڇنٽو پنهنجي هٿن سان ڌوئيندو

اسان کي چيو ويو ته خيبر پختونخواهه جي وڏي وزير جو فيصلو ٿي چڪو آهي، تنهن ڪري هتي ڪنوينشن نه ڪيو، سياستدانن جا چونڊ وڙهڻ جا مقصد ذاتي آهن

جنرل ضياءَ کان وٺي ججن، وڪيلن ۽ سياستدانن سميت جيڪي به سهولتڪار هئا، اهي هن ملڪ جا ڏوهي آهي

اسان روايتي ورهاست جي سياست کي دفن ڪري خدمت جي سياست جي شروعات ڪنداسين، اسان جو مقابلو سياستدانن سان ناهي، بيروزگاري، مهانگائي ۽ غربت سان آهي

اسان رڳو عوام لاءِ چونڊ وڙهي رهيا آهيون، ڇو ته اسان جي قائد سيکاريو هو ته طاقت جو سرچشمو عوام آهي : ڪوهاٽ ۾ ورڪرز ڪنوينشن سان خطاب

ڪوهاٽ (م د) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته هڪ جيل مان نڪرڻ ۽ ٻيو جيل کان بچڻ لاءِ چونڊ وڙهي رهيو آهي، ڪوهاٽ ۾ ورڪرز ڪنوينشن سان خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو قوم کي ٻڌائڻو پوندو ته ذوالفقار علي ڀٽو جي قتل ۾ ڪير ملوث هو ڀٽو جي عدالتي قتل جا سهولتڪار ڪير هئا، جنرل ضياءَ کان وٺي ججن، وڪيلن ۽ سياستدانن سميت جيڪي به سهولتڪار هئا، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڪوهاٽ: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ورڪرز ڪنوينشن کي خطاب ڪري رهيو آهي

حافظ نعيم الرحمان ڳالهين لاءِ تيار آهي ته سياڻي ان وٽ اچان ٿو: ميئر ڪراچي

حافظ نعيم الرحمان کان سوال ٻڌجي ٿو ته هو ڇو اختلاف جي سياست ڪري رهيو آهي

سموريون پارٽيون سنجيده ٿي گڏ ويهن ۽ ڪراچي جي مسئلن تي ڳالهه ٻولهه ڪن: مرتضيٰ وهاب

بجيٽ 13 جون تي پاس ٿي وئي هئي ڪي ايم سي بجيٽ سان پيپلزپارٽي جو ڪو تعلق نه هو

ڪراچي (رپورٽر) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته (ن) ليگ يا جماعت اسلامي کان پارليماني سياست تي ليڪچر جي ضرورت نه آهي مان چاهيان ٿو ته سموريون پارٽيون سنجيده ٿي گڏ ويهن ۽ ڪراچي جي مسئلن تي ڳالهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

حيدرآباد ۾ آل سنڌ جرنلسٽس ڪنوينشن، شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ جيل ڀريو تحريڪ جو اعلان

يونين آف جرنلسٽس جي ميزباني هيٺ حيدرآباد پريس ڪلب ۾ سنڌ جرنلسٽس ڪنوينشن ۾ سنڌ جي صحافين شرڪت ڪئي

صحافين لاءِ پاڪستان ميڪسيڪو کان پوءِ دنيا جو ٻيو خطرناڪ ترين ملڪ آهي : ارشد انصاري

جان محمد مهر جي شهادت کانپوءِ سنڌ جي صحافين، قلمڪارن جنهن بهادري جو مظاهرو ڪيو

حيدرآباد(رپورٽر) پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس سنڌ ايڪشن ڪميٽيءَ شهيد جان محمد جي قاتلن جي گرفتاريءَ لاءِ احتجاج جي ڇهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

SINDH JOURNALISTS CONVENTION
حيدرآباد: شهيد جان محمد مهر جا قاتل نه ٽيڻ خلاف پي ايف يو طرفان ڪوٺايل ڪنوينشن جو ڏيک

پهرين جنوري کان سرڪاري ملازمن جي پگهارن مان ڪٽوتي ٿيندي

لاهور (م د) پنجاب حڪومت هيلٿ انشورنس پروگرام تحت ملازمن جي پگهارن مان ساليانو پريميئر/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

سنڌ حڪومت ڏٻيل طبقن جي حقن جي تحفظ ۽ انهن جي مدد لاءِ شاندار قانون سازي لاءِ اڳڀرائي ڪئي آهي: محمد احمد شاهه

سنڌ حڪومت ليبر ۽ ٽريڊ يونين قانون تي سختي سان عملدرآمد ڪرائڻ لاءِ پرعزم آهي

چائلڊ ليبر جي خاتمي لاءِ اسان جي سول سوسائٽي ۽ هر پڙهيل لکيل فرد کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو

اسان وٽ ٻن قسمن جا ماڻهو آهن هڪ اهي جيڪي ڏٻيل آهن ۽ ٻيا اهي جن کي دٻائي رکيو ويو آهي : ڪانفرنس کي خطاب

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات ، اقليتي معاملن ۽ سماجي تحفظ واري نگران وزير محمد احمد شاهه اڄ ڪراچي جي مقامي هوٽل ۾ " Domestic Child labor In Pakistan "جي عنوان تي منعقد ڪيل گول ميز ڪانفرنس ۽ چيئرپرسن هيومن رائيٽس ڪميشن سنڌ اقبال احمد ڏيٿو جي انگريزي مطالعاتي تصنيف " ڊومسٽڪ چائلڊ ليبر ان پاڪستان " جي تقريب رونمائي سان خطاب ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت ليبر ۽ ٽريڊ يونين قانون تي سختي سان عملدرآمد ڪرائڻ لاءِ پرعزم آهي. هن چيو ته چائلڊ ليبر جي خاتمي لاءِ اسان جي سول سوسائٽي ۽ هر پڙهيل لکيل فرد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

لاهور: پنجاب جو نگران وڏو وزير محسن نقوي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

عدليا پاڪستان جي ٽن ڪرپٽ ترين ادارن ۾ شامل

پوليس سڀ کان وڌيڪ ڪرپٽ آهي، ان کانپوءِ ٽيڪو ڏيڻ ۽ ڪانٽريڪٽ ڪرڻ جو شعبو ۽ پوءِ عدليا آهي :رپورٽ

تعليم ۽ صحت جا شعبا ڪرپشن ۾ ترتيب وار چوٿين ۽ پنجين نمبر تي آهي : ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پاڪستان

مقامي حڪومتون، لينڊ ايڊمنسٽريشن اينڊ ڪسٽم، ايڪسائز ۽ انڪم ٽيڪس ترتيب وار ڇهين، ستين ۽ اٺين نمبر تي آهي

اسلام آباد (م د) ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پاڪستان طرفان قومي ڪرپشن جي حوالي سان جاري ڪيل سروي 2023 مان خبر پئي ٿي ته عدليا پاڪستان جي ٽن ڪرپٽ ترين ادارن مان هڪ آهي. رپورٽ موجب پوليس سڀ کان وڌيڪ ڪرپٽ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي تي قبضو ڄمائڻ جي ڪوشش ڪندڙن کي ناڪام ڪرڻو آهي: فاروق ستار

ملڪ ۾ مهانگائي حد کان وڌي وئي آهي، نوجوان اعليٰ ڊگريون رکڻ باوجود بائيڪ رائيڊر بڻيل آهن

ڪراچي هلندو آهي ته سڄو پاڪستان هلندو آهي، ڪراچي شهر ملڪ کي 4 هزار ارب رپين جو ٽيڪس ڏيندو آهي

ڪراچي (م د) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سينيئر ڊپٽي ڪنوينر ڊاڪٽر فاروق ستار چيو آهي ته ڪراچي ملڪ کي 4 هزار ارب رپين جو ٽيڪس ڏيندو آهي، جنهن سان سڄو پاڪستان هلندو آهي، ڪراچي ۾ سني تحريڪ جي اڳواڻ ثروت/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

غزه تي اسرائيلي بمباري ۾ وڌيڪ 133 فلسطيني شهيد، سوين زخمي

غزه تي اسرائيلي حملن ۾ تيزي اچڻ کانپوءِ خوراڪ جو بدترين بحران پيدا ٿي ويو

شهر جي اڪثر علائقن تائين خوراڪ ۽ ٻي امداد جي رسائي ناممڪن بڻيل

اسرائيل چڪرين دوران 2 آفيسرن سميت 4 اسرائيلي فوجين جي مارجي وڃڻ جي تصديق ڪري ڇڏي

غزه (م د) غزه تي اسرائيلي بمباري ۾ وڌيڪ 133 فلسطيني شهيد ٿي ويا، سوين زخمي ٿي پيا، غزه تي اسرائيلي حملن ۾ تيزي اچڻ کانپوءِ خوراڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

غزه: اسرائيلي بمباري سبب تباهه ٿيل گهرن آڏو ٻارڙا بيٺل نظر اچي رهيا آهن

بلوچستان کي به ڪالعدم تحريڪ طالبان پاڪستان مان خطرو آهي عبدالقادر بلوچ

اسلام آباد (م د) اڳوڻي وفاقي وزير ۽ پي پي اڳواڻ عبدالقادر بلوچ سيڪيورٽي خدشن جي ور چڙهيل/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ملتان، ڪچري جي گودام ۾ ڌماڪي جي نتيجي ۾ هڪ ٻارڙو فوت

پوليس جي وڏي نفري ۽ بم ڊسپوزل اسڪواڊ جي ٽيم واقعي واري هنڌ پهچي وئي

ڌماڪي جي نوعيت معلوم نه ٿي سگهي آهي ، واقعي جي جاچ شروع ڪئي وئي آهي: پوليس

ملتان (م د)ملتان ۾ ڪچري جي گودام ۾ ڌماڪي جي نتيجي ۾ هڪ ٻارڙو فوت ۽ عورت سميت 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا، پوليس جو چوڻ آهي ته ڌماڪي جي نوعيت معلوم نه ٿي سگهي آهي. پوليس جي وڏي نفري ۽ بم ڊسپوزل اسڪواڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

آرمي چيف جنرل عاصم منير آمريڪا جي دوري تي روانو

آرمي چيف سرڪاري دوري تي آمريڪا روانو ٿيو : آءِ ايس پي آر

آرمي چيف دوري ۾ اعليٰ فوجي آفيسرن ۽ سرڪاري اختيارين سان ملاقاتون ڪندو

راولپنڊي (م د) آرمي چيف جنرل عاصم منير آمريڪا جي دوري تي روانو ٿي ويو آءِ ايس پي آر موجب آرمي چيف سرڪاري دوري تي آمريڪا روانو ٿيو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

خضدار ۾ ڌماڪو، ايس ايڇ او سي ٽي ڊي شهيد

محمد مراد ڄاموٽ جي گاڏي تي سلطان ابراهيم روڊ تي حملو ٿيو

ڌماڪو آءِ اي ڊي ذريعي ڪيو ويو، جنهن ۾ گاڏي مڪمل طور تباهه ٿي وئي : پوليس

خضدار (م د) خضدار ۾ ڌماڪي ۾ ايس ايڇ او سي ٽي ڊي محمد مراد ڄاموٽ شهيد ٿي ويو ايس ايڇ او خضدار ڌماڪي ۾ ايس ايڇ او سي ٽي ڊي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

لڳي ٿو ته سپريم ڪورٽ ۾ ڪيس لڳرائڻ لاءِ مرڻو پوندو: فواد چوڌري

سپريم ڪورٽ ۾ ڪيس لڳرائڻ لاءِ مرڻو پوندو

انتظار ڪري رهيا آهيون ته ڪڏهن ٿا مرون ۽ ڪيس ٿو لڳي

راولپنڊي (م د) ڊيوٽي سول جج راولپنڊي اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري کي فراڊ ڪيس ۾ هڪ ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي اينٽي ڪرپشن اختيارين/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سوشل ميڊيا تي گردش ڪندڙ چونڊ شيڊيول جعلي قرار

اليڪشن ڪميشن چونڊ شيڊيول جاري ناهي ڪيو : ترجمان اليڪشن ڪميشن

چونڊ شيڊيول بابت ترجمان ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن جي به بيان تي ڌيان نه ڏنو وڃي

اسلام آباد (م د) اليڪشن ڪميشن ترجمان سوشل ميڊيا تي گردش ڪندڙ چونڊ شيڊيول کي جعلي قرار ڏئي ڇڏيو اليڪشن ڪميشن ترجمان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

آمريڪي قونصل جنرل ڪراچي جي وفد پاران مرڪزي آفيس ڪارساز جو دورو

سي اي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر سيد صلاح الدين وفد کي تفصيلي بريفنگ ڏني

ملاقات جو اصل مقصد گڏيل دلچسپي جي موقعن کي ڳولا ڪرڻ هو : ترجمان

ڪراچي(رپورٽر) آمريڪي قونصل جنرل ڪراچي جي وفد هائيڊرينٽ مئنيجمينٽ سينٽر واٽر ڪارپوريشن پاران تازو کنيل نئين قدمن ۽ سڌارن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: آمريڪي قونصل جنرل کي سي اي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر سيد صلاح الدين دوري دوران بريفنگ ڏيندي

انڊر 19 ايشيا ڪپ ۾ ڀارت کي پاڪستان هٿان عبرتناڪ شڪست

پاڪستان ٽاس کٽي ڀارت کي اڳ ۾ بيٽنگ جي دعوت ڏني

ڀارتي ٽيم مقرر 50 اوورن ۾ 9 وڪيٽن جي نقصان تي 259 رنسون ٺاهيون

دبئي (م د) انڊر 19 ايشيا ڪپ ۾ پاڪستان اذان اويس جي شاندار سينچري جي مدد سان ڀارت کي 8 وڪيٽن تان شڪست ڏئي ٽورنامينٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ملڪ ۾ علم پرائڻ به ڏکيو، ڪتابن جي اگهن ۾ 100 سيڪڙو واڌ

نومبر 2022 کان هيل تائين نصابي ڪتابن جي اگهه ۾ 94.7 سيڪڙو واڌ ٿي چڪي

ڪاغذ جي درآمد تمام گهڻي مهانگي ٿي وئي آهي : پبلشنگ هائوسز

ڪراچي (م د) نصابي ۽ درسي ڪتابن جي اگهن ۾ گذريل هڪ سال دوران 95 سيڪڙو واڌ ٿي وئي. اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان طرفان مهانگائي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

پي ٽي اي پاران موبائيل فون ڪمپنين جي سروي رپورٽ جاري

خيبرپختونخواهه، پنجاب، سنڌ ۽ گلگت بلتستان جي 17 شهرن ۾ ڪئي وئي

سروي دوران موبائيل فون آپريٽرز جي اپ لوڊ ۽ ڊائون لوڊنگ جي رفتار معيار جي مطابق جاچي وئي

اسلام آباد (م د) پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن اٿارٽي (پي ٽي اي) موبائل فون ڪمپنين جي خدمتن جي معيار کي جاچڻ لاءِ ڪيل/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

بلاول ڀٽو زرداري هن ملڪ جو وزيراعظم ٿيندو: وقار مهدي

8 فيبروري جي اليڪشن ۾ به پيپلزپارٽي واضح اڪثريت سان ڪاميابي ماڻيندي

جماعت اسلامي هميشه آمرن جي تابعداري ڪئي آهي: جاري ڪيل بيان ۾ اظهار

اسلام آباد (بيورو) پيپلزپارٽي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري سينيٽر وقار مهدي چيو آهي ته ضياءَ آمريت ۾ جماعت اسلامي تعليمي ادارن کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ايندڙ چونڊن ۾ پ پ کي ٽف ٽائم ڏيڻ لاءِ جي ڊي اي پارلياماني بورڊ جو اعلان ڪري ڇڏيو

پارلياماني بورڊ جي ڊي اي جي 13 اڳواڻن تي ٻڌل هوندو، پارلياماني بورڊ جو چيئرمين جي ڊي اي جو سربراهه پير پاڳارو هوندو

صفدر عباسي پارلياماني بورڊ جو سيڪريٽري ۽ سردار عبدالرحيم اطلاعات سيڪريٽري هوندو

ڪراچي (م د) ايندڙ چونڊن ۾ پ پ کي ٽف ٽائم ڏيڻ لاءِ جي ڊي اي پارلياماني بورڊ جو اعلان ڪري ڇڏيو، بورڊ جو چيئرمين جي ڊي اي سربراهه پير پاڳارو هوندو عام چونڊن ۾ پ پ کي ٽف ٽائم ڏيڻ لاءِ جي ڊي اي پارلياماني بورڊ جو اعلان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سڀني شهرين کي برابري جا حق حاصل آهن: نگران وڏو وزير

اظهار جي آزادي، تعليم ۽ صحت جون سهولتون انساني حقن جو حصو آهن

گڏيل قومن کي فلسطين ۽ ڪشمير ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين تي مداخلت ڪرڻ گهرجي

عالمي برادري کي اپيل آهي ته اڳتي اچي ۽ معصوم انساني جانين کي اسرائيلي ۽ ڀارتي ظلمن کان بچائي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر چيو آهي ته رياست جي بنيادي ذميوارين ۾ انساني حقن جي پاسداري شامل/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪراچي: سنڌ جو نگران وڏو وزير جسٽس (ر) مقبول باقر (فائيل فوٽو)

منوڙو آر او پلانٽ جو ڪامياب تجربو، وڏو وزير افتتاح ڪندو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر جي هدايتن تي منوڙي آر او//بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ڪراچي کان لاهور ويندڙ "ڪراچي ايڪسپريس" ۾ باهه لڳي وئي

عملي ڀاڙوين کي الڳ ڪري بوگين کي بچائي ورتو، جڏهن ته لاهور ريلوي جي امدادي ٽيم ڪاهنه رواني ڪئي وئي

باهه لڳڻ جا ڪارڻ معلوم ناهن ٿي سگهيا، ٽرين ڪراچي کان لاهور وڃي رهي هئي، واقعي جي حوالي سان جاچ جاري آهي : ترجمان

ڪراچي (م د) ڪراچي کان لاهور ويندڙ ڪراچي ايڪسپريس ۾ باهه لڳي وئي، ريلويز ترجمان موجب ڪراچي کان لاهور ويندڙ ڪراچي ايڪسپريس جي ڀاڙوين ۾ باهه لڳي وئي. باهه ڪاهنه پرسان لڳي ۽ ڪو جاني نقصان ناهي ٿيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اسان جو لاڏلو بلاول آهي، اتحاد ٿيڻ ڪو فرق نه پوندو: مراد علي شاهه

سڄي ملڪ مان جمهوري انداز ۾ چونڊ وڙهي سوڀارا ٿينداسين

قومپرستن جي ڊي اي جي صورت ۾ ڪراچي ۾ وڳوڙ ڪندڙن ۽ سنڌ مخالفن سان وڃي اتحاد ڪيو

سپريم ڪورٽ مان اميد آهي ته اها ڀٽي تي لڳل داغ ڌوئي صاف ڪندي : شيرازي هائوس ٺٽي ۾ ميڊيا سان ڳالهيون

ٺٽو (رپورٽر) اڳوڻي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو آهي ته سنڌ ۾ ڪهڙا به اتحاد ٿين پيپلزپارٽي تي ڪو فرق نه پوندو، اسان جو لاڏلو بلاول ڀٽو زرداري آهي. سڄي ملڪ مان جمهوري انداز ۾ چونڊ وڙهي سوڀارا ٿينداسين. اڳوڻي وڏي وزير مراد علي شاهه شيرازي هائوس ٺٽي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ سميت ملڪ ۾ اسان کي ليول پليئنگ جي ضرورت ناهي. اسان جو لاڏلو بلاول ڀٽو زرداري آهي، سڄي ملڪ مان جمهوري انداز ۾ چونڊ وڙهي سوڀارا ٿينداسين. هن چيو ته سنڌ ۾ پ پ خلاف هميشه اتحاد ٺهندا رهيا آهن انهن سان ڪو به فرق نه پئي، سنڌ جي حقن جي ڳالهه ڪندڙ ڪجهه قومپرستن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

What Are Human Rights?
FIND OUT
Youth for Human Rights International
YouthForHumanRights.org
حيدر آباد: عوامي راڄ تحريڪ طرفان زمينن تي قبضي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

عوام نواز شريف کي آخري اميد سمجهي ووٽ ڏيندو: جاويد لطيف

نواز شريف به پيشيون ڀوڳيون آهن، نواز شريف کي 8 سالن کانپوءِ وڏي سستي سان انصاف ڏنو پيو وڃي

سزا ڏئي چيو ويو پرائم منسٽر هائوس خالي ڪيو، انتقام وٺندڙ انڌا ٿي ويا هئا، اسان کي ڪيڏڻ کانپوءِ ملڪ جي ڪهڙي ڀلائي ٿي؟

نواز شريف لاڏلو نه هو، ان ڪري ڪيس سزا ڏني وئي : شيخوپورا ۾ پريس ڪانفرنس

شيخوپورا (م د) ن ليگ اڳواڻ جاويد لطيف چيو آهي ته عوام نواز شريف کي آخري اميد سمجهي ووٽ ڏيندو شيخوپورا ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي جاويد لطيف چيو ته نواز شريف به پيشيون ڀوڳيون آهن. نواز شريف کي 8 سالن کانپوءِ، وڏي سستي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

سنڌ کانپوءِ پنجاب ۾ به زرعي ڀاڻ جو بحران، ڪڻڪ جي پوکي متاثر ٿيڻ لڳي

مختلف علائقن ۾ 3 هزار 750 روپين ۾ وڪرو ٿيندڙ يوريا جي ٻوري 5 هزار 2 سؤ روپين ۾ وڪرو ٿيڻ لڳي

زرعي ڀاڻ جي پيدا ٿيل کوٽ سبب ڪڻڪ جي پوکيءَ ۾ آبادگارن کي مشڪلاتون پيش

لاهور (م د) سنڌ کانپوءِ پنجاب ۾ به زرعي ڀاڻ جي کوٽ پيدا ٿي وئي آهي، جنهن سبب زرعي ڀاڻ جي اگهه ۾ واضح اضافو ٿي ويو آهي. ٻڌايو پيو وڃي ته پنجاب جي مختلف علائقن ۾ 3 هزار 750 روپين ۾ وڪرو ٿيندڙ يوريا جي ٻوري 5 هزار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

شهزاد اڪبر فرادي شخص آهي: نديم افضل چن

نيب آفيس ويس اتي مون کان القادر ٽرسٽ ڪيس جي حوالي سان سوال ڪيا ويا

منهنجي تربيت اهڙي ناهي ته جو مان قيدين ۽ مظلومن تي ڳالهايان

اڄ اڳوڻو پي ٽي آئي چيئرمين جيل ۾ آهي ته منهنجو ضمير نٿو چوي ته سندس خلاف بيان ڏيان

اسلام آباد (م د) اڳوڻي وفاقي وزير نديم افضل چن چيو آهي ته مان عمران خان جي خلاف شاهدي نه ڏيندس جيڪڏهن ڪنهن مون کي عدالت/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

پشاور: جماعت اسلامي جو امير سراج الحق المرڪز اسلامي ۾ تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

قلم ڌڻين طرفان روزاني سنڌيار جي نمائندي غلام علي رند کي ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسائڻ جي مذمت

اباوڙو (ن س) شهر جي صحافتي برادري سينيئر صحافي ۽ روزاني سنڌيار جي نمائندي غلام علي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

پنجاب ۾ هلندڙ سال ڊينگي جا 14 هزار 815 ڪيس رپورٽ

ڊينگي جا 52 ڪيس سامهون اچڻ کانپوءِ هلندڙ سال 36 ضلعن ۾ ڊينگي جي مريضن جو انگ 14 هزار 815 ٿي ويو : سيڪريٽري صحت پنجاب علي جان خان

لاهور ۾ ڊينگي جا 32، گوجرانوالا ۾ 4 ۽ ملتان ۾ 4 ڪيس سامهون آيا آهن، اسپتالن ۾ ڊينگي جا 44 مريض علاج هيٺ آهن

لاهور(م د) پنجاب ۾ گذريل 24 ڪلاڪن دوران ڊينگي جا 52 ڪيس سامهون اچڻ کانپوءِ هلندڙ سال 36 ضلعن ۾ ڊينگي جي مريضن جو انگ 14 هزار 815 ٿي ويو آهي سيڪريٽري صحت پنجاب علي جان خان جو چوڻ آهي ته لاهور ۾ هلندڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪرپشن قومي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ آهي جنهن کي ختم ڪرڻ لاءِ نيب جاکوڙي پيو: ڊائريڪٽر

ڊويزن اندر ٻيلن جي زمينن تان قبضا ختم ڪرائڻ سان تقريبن 13120 ملين جي بچت ٿي

نيب سکر ڪرپشن ڪندڙ مختلف کاتن جي آفيسرن کان رقم واپس ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويو آهي

پوزيشنون ماڻيندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ هيرو 2023ع جا ايوارڊ ۽ مڃتا سرٽيفڪيٽ ورهايا

سکر(رپورٽر امداد علي گل کلوڙ) ڪرپشن قومي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ آهي جنهن کي ختم ڪرڻ لاءِ نيب جاکوڙي پيو: ڊائريڪٽر نيب سکر سکر، لاڙڪاڻو ۽ نوابشاهه ڊويزن اندر ٻيلن جي زمينن تان قبضا ختم ڪرائڻ سان تقريبن 13120 ملين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سکر: ڊائريڪٽر نيب سکر فياض حسين قريشي ۽ ٻيا تقريب کي خطاب ڪري رهيا آهن

شڪارپور ۾ رٽائرڊ ٽيچرس ايسوسيئيشن طرفان رٽائرڊ استادن مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

شڪارپور(عبدالخالق سومرو) رٽائرڊ ٽيچرس ايسوسيئيشن طرفان رٽائرڊ استادن مطالبن جي مڃتا لاءِ گورنمينٽ قاضي حبيب الله اسڪول ۾ اجلاس ڪوٺائي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ڪوٺايل اجلاس ۾ مرڪزي اڳواڻ ضمير خان، بشير مهر، گلشير مهر، گل فام سمي نياز سولنگي، خليل سومرو ۽ ٻين گروپ انشورنس، پينشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

پاڪستان مسلم ليگ نواز ايندڙ اليڪشن ۾ وڏي پارٽي طور اڀرندي: فياض خان لاکو

ايندڙ وزيراعظم قائد نواز شريف هوندو، عوام اسان کي ڪارڪردگي جي بنياد تي ووٽ ڏيندو

جي ڊي اي سان سيٽ ايڊجسٽمنٽ ٿي سگهي ٿي پر پارٽي قيادت کي اپيل آهي ٽڪيٽ فراهم ڪري

نوشهرو فيروز(رپورٽر:منظور ملڪ) پاڪستان مسلم ليگ نواز ايندڙ اليڪشن ۾ ملڪ جي وڏي پارٽي طور اڀرندي ۽ ايندڙ وزيراعظم نوازشريف ٿيندو اهڙن خيالن جو اظهار تعلقي پريا جي ٽڪ پي ايس 33 تي مسلم ليگ نواز جي اميدوار فياض خان لاکو ميڊيا سينٽر ۾ نيوز ڪانفرنس ڪندي چيو ته نواز شريف پاڪستان ۾ مثالي ترقياتي ڪم ڪرايا آهن انشاء الله ملڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

غوثپور دراني مهر جي ڪچي واري علائقي ۾ پوليس ۽ رينجرس جي گڏيل ڪارروائي

پوليس توڙي رينجرس جي اهلڪارن وچ ڪيترن ئي ڪلاڪن کان فائرنگ جي ڏي وٺ هلندڙ آهي

پوليس وٽ راڪيٽ لانچر ۽ اينٽي ايئر ڪرافٽ گن ٻين جديد هٿيارن جو پڻ استعمال ڪيو پيو وڃي

رينجرس آر ڊي 219 پل کان ڳوٺ قياس خان پيو تائين ايندڙ ويندڙ ماڻهن جا رستا بند ڪري ڇڏيا

غوثپور (رپورٽر: عبدالنبي ملڪ) غوثپور دراني مهر جي ڪچي واري علائقي ۾ پوليس ۽ رينجرس جي گهربل روپوش جوابدارن جي گرفتاري لاءِ به گڏيل آپريشن جاري آهي پوليس ۽ رينجرس جي گڏيل ڪارروائي دوران ڏوهارين ۽ پوليس توڙي رينجرس جي اهلڪارن وچ ڪيترن ئي ڪلاڪن کان فائرنگ جي ڏي وٺ هلندڙ آهي پوليس ۽ رينجرس ڳوٺ گهٽو خان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

غوثپور: ڪچي ۾ پوليس ۽ رينجرز گڏيل ڪارروائي لاءِ تيار بيٺل آهي

نئون ديرو لڳ جت پيٽا لاڙو نزد پوليس چوڪي ڏوهارين جو ڳڙهه ٻڌجي وئي

نئون ديرو(رپورٽر) نئون ديرو لڳ جت پيٽا لاڙو نزد پوليس چوڪي ڏوهارين جو ڳڙهه ٻڌجي ويو، جت پيٽا لاڙي وٽ قائم پوليس ڪوبان آڳيان آئي ڏينهن ڦورون ڌاڙا روز جو معمول بڻجي ويا، رات دير سان سکر کان نئون ديرو ايندي جت پيٽا لاڙي پرسان هٿياربند ڦورن جي مڇي ڇڏي ايندڙ مزدا لوڊر مٿان سڌي فائرنگ ڪري ڇڏي جنهن جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ترڪول بلاڪ ٿر ۾ ليبر پاليسي نه هجڻ ڪري مزدورن جا حق ڪاڏا پيا وڃن: علائقي واسي

سيفٽي توڙي صحت ۽ ٻيون بنيادي سهولتون نه هجڻ ڪري مزدور نوڪري ڇڏي هليا ويا

مزدورن ليبر پاليسي لاءِ دانهيو آهي بليڪ ميل ڪري بليڪ لسٽ ڪري ڪڍيو وڃي ٿو

هر صورت ۾ مالڪي ڪنداسين اسان وطن جي ترقي چاهيون ٿا اسين وطن دشمن ناهيون

اسلام ڪوٽ(رپورٽ صادق بجير) اينگرو پاورجن ٿرجي متاثر ملازمن ايم بي سومرو ۽ هريش تيجاڻي پاران پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته ترڪول بلاڪ ٿر ۾ ليبر پاليسي نه هجڻ ڪري مزدورن جا حق ڪاڏا پيا وڃن مزدورن جي رهايشگاهه ۾ صفايي سترايي نه هجڻ ڪري مزدور بيمار ٿي پيا آهن معياري کاڌو نه ملڻ ڪري ڪيترائي مزدور پيٽ ۽ ساهه جي بيمارين ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

جان محمد مهر جا اصل قاتل 118 ڏينهن مڪمل ٿيڻ باوجود گرفتار نه ڪيا ويا

جلال الدين پيو سحرش ڪوڪر جهانزيب وسير جي اڳواڻي ۾ علامتي بک هڙتال جاري

ماجد منگي، فضل الرحمان قريشي، سيد زبير شاهه، شهناز منگي، اصغر عباسي شريڪ ٿيا

جان محمد جي قتل ۾ ملوث اصل جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف جو مان مٿانهون ڪيو وڃي

سکر(رپورٽ امداد علي گل کلوڙ) سکر ۾ شهيد ڪيل صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل 118 ڏينهن مڪمل ٿيڻ باوجود گرفتار نه ڪيا ويا . صحافين جي احتجاجي تحريڪ جاري. قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سکر: صحافي جان محمد مهر جي قتل واقعي خلاف قلم ڏٺي احتجاج ڪري رهيا آهن

مٺي ۾ ضلع وائيس چيئرپرسن ڪملا ڀيل پاران مختلف ڳوٺن جو دورو ۽ ڪارنر گڏجاڻيون

مٺي (رپورٽر) ضلع وائيس چيئرپرسن ڪملا ڀيل پاران مختلف ڳوٺن جو دورو ۽ ڪارنر گڏجاڻيون، ڪيترين ئي برادرين پيپلزپارٽي ۾ شامل تفصيل موجب ضلعي وائيس چيئرپرسن ڪملا ڀيل پاران ٿرپارڪر جي مختلف ڳوٺن جو دورو ڪري ڳوٺاڻن سان ڪارنر گڏجاڻيون ڪيون ويون جنهن دوران مختلف ڳوٺن جي معززين شموليت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٺٽي جي گندرا برادري جي معزز وڏيرو پاران ايس ايڇ او ٺٽو قربان جي مان ۾ تقريب منعقد

قربان علي ملاح کي محمد عرس گندرو ۾ آجياڻو ڏيئي لونگين ۽ اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا

عوام جي خدمت ڪري کين تحفظ مهيا ڪري سندن ملڪيتن جو تحفظ ڪرڻ آهي: قربان علي ملاح

منشيات فروشن خلاف سندن سخت ڪاروايون جاري آهن، جيڪي انهن جي مڪمل خاتمي تائين جاري رهنديون

ٺٽو(ٻر) ٺٽي جي گندرا برادري جي معزز وڏيرو محمد عرس گندرو پاران ٺٽي ٿاڻي تي نئين مقرر ٿيل ايس ايڇ او ٺٽو قربان علي ملاح جي مان ۾ ٺٽي لڳ ٻاءِ پاس ڳوٺ وڏيرو محمد عرس گندرو ۾ آجياڻو ڏيئي کيس لونگين ۽ اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا، ان موقعي تي ملاح اڳواڻ ڏاڏا آدم گندرو، نثار احمد عرف چتو گندرو، محمد ايوب ملاح، ڊاڪٽر سڪندر ملاح، يار محمد ملاح، يار محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

اعجاز علي شاهه شيرازي جي ٽئين ورسي شيرازي هائوس ٺٽي تي ملهائي وئي، ساڃاهه وند شريڪ

سيد شفقت حسين شاهه شيرازي، سيد اياز علي شاهه شيرازي، سيد رياض حسين شاهه شيرازي شريڪ ٿيا

امتياز شاهه شيرازي، سيد غلام حيدر شاهه شيرازي، سيد حاجي پاشا شاهه شيرازي، سيد تنوير حيدر شريڪ ٿيا

مقررين الحاج سيد اعجاز علي شاهه شيرازي جي زندگي تي روشني وجهي کيس خراج عقيدت پيش ڪئي

ٺٽو(رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) لاڙ پٽي جي ناليواري سياستدان ۽ ٺٽو ۽ سڄاول ضلعن ۾ شيرازي گروپ جي سرواڻ الحاج سيد اعجاز علي شاهه شيرازي جي ٽين ورسي اڄ ٺٽي شهر ۾ شيرازي هائوس ۾ ملهائي پئي وڃي جنهن ۾ مختلف سياسي اڳواڻ سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه مرحوم سيد الحاج سيد اعجاز علي شاهه شيرازي جي ننڍي ڀاءُ ۽ هن وقت شيرازي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ٺٽو: اڳوڻو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه، سيد شفقت شاهه شيرازي ۽ ٻيا خطاب ڪري رهيا آهن

نوشهرو فيروز ۾ آئي بي اي ٽيسٽ 2021 جي 33 کان 39 وارن اميدوارن جو احتجاجي مظاهرو

نوشهرو فيروز(رپورٽر:منظور ملڪ) آئي بي اي ٽيسٽ 2021 جي 33 کان 39 وارن اميدوارن جو سنڌ حڪومت جي ڀرتي پاليسي ۽ پنهنجا نوازي خلاف مورو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو جنهن جي اڳواڻي نواب علي چانڊيو عرفان علي جوکيو جاويد علي جاتوري، نور محمد سولنگي، غلام قادر سومرو، منور علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سيڪريٽري جي هٺ ڌرمي سبب انڊس اسپتال بدين تباهي تي پهچي وئي، احتجاج

اڄ کان اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ کان علاوه او پي ڊي سميت سمورا شعبا بند ڪرڻ جو فيصلو

ڊائلاسز جي مريضن جي جانين کي خطرو، ڪو به جاني نقصان ٿيو ته حڪمران ذميوار هوندا: شهري

سنڌ حڪومت طرفان هر سال ملندڙ بجٽ مان هڪ ارب ڏهه ڪروڙ روپيا ٻن سالن کان جاري نه ڪيا ويا

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) سنڌ جي لساني پارٽي سان قربت رکندڙ صحت کاتي جي سيڪريٽري جي هٺ ڌرمي سبب لاڙ پٽي جي 350 بسترن تي مشتمل ڊاڪٽر سڪندر علي ميندهرو سول انڊس اسپتال بدين تباهي تي پهچي وئي انڊس اسپتال جي انتظامي ايڪشن ڪميٽي طرفان سومر ڏينهن کان اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ کان علاوه او پي ڊي سميت سمورا شعبا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

نوشهروفيروز ۾ قل پرسان ڳوٺ پير بخش ڪوسو واسي بيواهه پاران ڏيرن خلاف احتجاج

ڳوٺ پير بخش ڪوسو واسي بيواهه زاهدان ڪوسو پٽ ۽ معصوم نياڻي سان گڏ مظاهرو ڪيو

منهنجي ڏيرن مون تي ۽ منهنجي پٽ تي تشدد ڪري گهران ڪڍي ڇڏيو آهي: بيواهه زاهدان

نوشهروفيروز(رپورٽر:منظور ملڪ) قل پرسان ڳوٺ پير بخش ڪوسو واسي بيواهه زاهدان ڪوسو پٽ ۽ معصوم نياڻي سان گڏ قل پريس ڪلب پهچي دانهيندي چيو ته منهنجي ڏيرن مون تي ۽ منهنجي پٽ تي تشدد ڪري گهران ڪڍي ڇڏيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

پاٽ شريف جي نوجوان سماج سڌارڪ ڊاڪٽر زبير علي چنه جي سالگره ملهائي وئي

سالگره تقريب ۾ تعليمي ماهر زوعيد حسين جوڻيجو خاص مهمان طور شرڪت ڪئي

محمد بخش منان چنا، امام الدين ملاح، محمد بچل سومرو، تيمور علي جوڻيجو شريڪ ٿيا

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) پاٽ شريف جي نوجوان سماج سڌارڪ ڊاڪٽر زبير علي چنه جي سالگره ملهائي وئي. سالگره تقريب ۾ تعليمي ماهر زوعيد حسين جوڻيجو خاص مهمان طور شرڪت ڪئي .جڏهن ته ناليواري اديب ليکڪ ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

دادو: سماجي اڳواڻ ڊاڪٽر زبير چنا جي سالگرهه ملهائي پئي وڃي

ڪنڊيارو، پرياسٽي ۽ محرابپور جي ڪيل وزٽ ۾ 16 اسڪول مڪمل بند مليا: سي ايم او

نوشهرو فيروز جي 5 تعلقن ۾ اسڪولن جي ڪيل وزٽ ۾ 16 اسڪول مڪمل طور بند مليا

غير حاضر استادن جو تعداد 9 ۽ مستقل طور غير حاضر رهندڙ استادن جو تعداد 55 پڌرو ڪيو ويو

نوشهروفيروز(رپورٽر: منظور ملڪ) سنڌ ۾ تعليم کاتي کي مانيٽرنگ ڪندڙ بائيو ميٽرڪ کاتي نوشهرو فيروز جي چيف مانيٽرنگ آفيسر نوشهرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

شهدادڪوٽ ۾ تحريڪ منهاج القرآن پهرين سيمسٽر جي نصاب جي پڄاڻي تي تقريب ٿي گذري

نصاب جي پڄاڻي تي صوبائي سيڪريٽري انفارميشن ديدار علي سومرو جي صدارت ۾ تقريب ٿي گذري

رهاب پنڊرائي ۽ جماعت اسلامي جي نائب امير ڊاڪٽر امتياز احمد شيخ مهمان خصوصي طور شرڪت ڪئي

شهدادڪوٽ (شاهد اعوان) تحريڪ منهاج القرآن شهدادڪوٽ پاران مرڪز علم جي پهرين سيمسٽر جي نصاب جي پڄاڻي تي تحريڪ جي صوبائي سيڪريٽري انفارميشن ديدار علي سومرو جي صدارت ۾ هڪ تقريب ٿي گذري جنهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

جده ۾ رهندڙ سڄڻا اڳواڻ عدنان چانڊيو پاران اڪبر لاشاري جي مان ۾ آجياڻي تقريب

صحافي ولي چانڊيو ۽ سماجي اڳواڻ اڪبر لاشاري جي مان ۾ آجياڻي تقريب ڪرائي وئي

سڪندر چانڊيو، حاجي ماجد چانڊيو، امتيار چانڊيو، عدنان چانڊيو، بشير چانڊيو، انور چانڊيو شريڪ

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) سعودي عرب جي شهر جده ۾ رهندڙ سڄڻا اڳواڻ عدنان چانڊيو پاران دادو پريس ڪلب جي اڳوڻي صدر سينيئر صحافي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

دادو: سڄڻا اڳواڻ عدنان چانڊيو پاران اڪبر لاشاري جي مان ڪوٺايل آجياڻي جو ڏيک

ٻنون جي بنيادي مسئلن جي پاداش ۾ گهرن تي حملا ڪرايا ويا: عبدالغني جوش پليجو

مسلسل جهدوجهد ڪرڻ جي ڏوهه ۾ ڪجهه سازشي ڏيرن منهنجي گهر ۽ فيملي تي حملا ڪرايا آهن

الزام هيٺ آيل ٻنون جي پورهيت مجيد لوهار غني جوش پليجو طرفان لڳايل سمورن الزامن کي رد ڪري ڇڏيو

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ٻنون جي مختلف ٻين بنيادي مسئلن جي پاداش ۾ گهرن تي حملا ڪرائي منهنجي فيملي کي حراسان ڪيو پيو وڃي. اعلي اختياريون فورن نوٽيس وٺن. ٻنون ۾ عوامي تحريڪ جي سرگرم اڳواڻ عبدالغني جوش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

جيڪي بي بنياد پروپيگنڊه ڪري رهيا آهن اهي سکر جا دشمن آهن: ارسلان اسلام شيخ

شهر جي دشمن عنصرن کي کپي ته هو سٺي ڪم جي تعريف ڪن چاڪاڻ ته ڪم جاري آهن

سوشل ميڊيا ذريعي تنقيد ڪرڻ وارا آڱرين ڪٽڻ وارا سوچين ته شهر کي گهڻو فائدو ٿي رهيو آهي

سکر(رپورٽ امداد علي گل کلوڙ) بلديا اعليٰ سکر جي ميئر بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ چيو آهي ته تنقيد نه بلڪي تنقيد براءِ اصلاح هجڻ کپي، ۽ جيڪي ماڻهون سٺي ڪم ۾ رڪاوٽ وجهي رهيا آهن ۽ بي بنياد پروپيگنڊه ڪري رهيا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سکر: ميئر ارسلان اسلام شيخ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

بدين ۾ پيپلز پارٽي جي هڪ وڪيٽ ڪري پئي، گلزار ميمڻ مسلم ليگ ن ۾ شامل

ميونسپل ڪميٽي بدين جو ڪائونسلر گلزار احمد ميمڻ بشير احمد ميمڻ سان ملاقات ڪئي

ڪراچي ۾ ملاقات ڪري پيپلز پارٽي کي الوداع چئي مسلم ليگ ن ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو

بدين(رپورٽر: مرتضي ميمڻ) بدين ۾ پيپلز پارٽي جي هڪ وڪٽ ڪري پئي پ پ پ ڪائونسلر گلزار ميمڻ پارٽي ڇڏي مسلم ليگ ن ۾ شامل ٿي ويو خبر موجب ته پيپلز پارٽي بدين جو اڳواڻ ۽ ميونسپل ڪميٽي بدين جو ڪائونسلر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

آل سنڌي پٺاڻ يوٿ اڳواڻ آغا سراج خان دراني سکر شهر جو دورو

نوجوان سماجي ڀلائي جي ڪمن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ خدمتون تيز ڪن

پروفيسر آغا اقبال خان، آغا تابش خان، ڊاڪٽر آغا سميع الله خان، حاجي نويد شريڪ

سکر (رپورٽ امداد علي گل کلوڙ) سنڌ اسيمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر ۽ آل سنڌي پٺاڻ يوٿ اڳواڻ آغا سراج خان دراني سکر شهر جو دورو ڪيو بعد ۾ پروفيسر اقبال خان ۽ آغا تابش خان جي رهائشگاهه تي آل سنڌي پٺاڻ جي ميمبرن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڪراچي يونين آف جرنلسٽ ورڪرز جي وفد پاران ڊسٽرڪٽ ڪورنگي پريس ڪلب جو دورو

فواد محمود جي اڳواڻي ۾ صحافين جو هڪ وفد ڊسٽرڪٽ ڪورنگي پريس ڪلب جو دورو ڪيو

اسان پنهنجي لاڳاپيل صحافين جي بهتري ۽ سهوليات جو آغاز ڪري ڇڏيو آهي: صدر فواد محمد

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي يونين آف جرنلسٽ ورڪرز جي صدر فواد محمود جي اڳواڻي ۾ صحافين جو هڪ وفد ڊسٽرڪٽ ڪورنگي پريس ڪلب جو دورو ڪيو ڊسٽرڪٽ ڪورنگي پريس جي عهديدارن ۽ ميمبرن مهانن جي آجيتان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سنڌي ادبي سنگت شاخ دادو جي پندرهن روزه دستوري گڏجاڻي ٿي گذري

پندرهن روزه گڏجاڻي جي صدارت نوجوان شاعر سجاد يوسف سومرو ڪئي

بشير چنا غزل، تابش بخاري سرائڪي غزل، عاشق دادوي نظم، سجاد يوسف غزل شريڪ

ڪبير ڀٽ، اڪبر ستايي، شاهه محمد لغاري ۽ وقار سولنگي اصلاحي تنقيد ۾ حصو ورتو

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) سنڌي ادبي سنگت شاخ دادوءِ جي پندرهن روزه دستوري گڏجاڻي ٿي گذري سنڌي ادبي سنگت دادوءِ جي پندرهن روزه گڏجاڻي جي صدارت نوجوان شاعر سجاد يوسف سومرو ڪئي جنهن ۾ رجب آزاد نظم، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

دادو: سنڌي ادبي سنگت شاخ دادو جي دستوري گڏجاڻي جو ڏيک

شاهپورچاڪر ۾ پيرسن جو زرعي زمين جي رجسٽري نه ملڻ خلاف احتجاج

شاهپورچاڪر(رپورٽر) ديهه 14 جي رهواسي پيرسن جو زرعي زمين جي رجسٽري نه ملڻ خلاف احتجاج.ديهه 14 جي رهواسي اله رکيو ٻالادي ميڊيا اڳيان دانهيندي ٻڌايو آهي ته سندس پيءُ جان محمد ٻالادي جي سرڪاري ڪشت واري 28 ايڪڙ زرعي زمين آهي جنهن جي ڪشت 1943 ۾ ٿيل آهي جان محمد 1960 ۾ فوت ٿي ويو هو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

رياست جي بنيادي ذميوارين ۾ انساني حقن جي پاسداري شامل آهي: جسٽس (ر) مقبول باقر

ملڪ ۾ اظهار جي آزادي، تعليم ۽ صحت جون سهولتون انساني حقن جو حصو آهن: نگران وڏو وزير

انساني حقن کي بغير ڪنهن فرق جي فراهم ڪرڻ سان سماج ترقي ڪري ڪندو آهي: بيان ۾ اظهار

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر چيو آهي ته رياست جي بنيادي ذميوارين ۾ انساني حقن جي پاسداري شامل آهي. هن اها ڳالهه انساني حقن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي وزيراعليٰ هائوس مان جاري ڪيل سندس بيان ۾ ڪئي. نگران وڏي وزير چيو ته اظهار جي آزادي، تعليم ۽ صحت جون سهولتون انساني حقن جو حصو آهن. انساني حقن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ڪرپٽ حڪمرانن مان ووٽ ذريعي عوام پنهنجي جان ڇڏائي سگهي ٿو: مولانا محمد سومر

پاڪ پاڪستان تحريڪ لبيڪ جو منشور آهي آزادي کان وٺي ملڪن تجربن مان گذريو آهي

غلط پاليسين مختلف بحرانن طرف ڌڪي ڇڏيو دنيا چنڊ کان به اڳتي نڪري چڪي آهي

اسان جا نوجوان ڊگريون کڻي چونڊيل نمائندن جي بنگلن جا چڪر ڪاٽڻ تي مجبور ٿي ويا آهن

سکر (رپورٽ امداد علي گل کلوڙ) ڪرپٽ حڪمرانن مان ووٽ ذريعي عوام پنهنجي جان ڇڏائي سگهي ٿو ڪرپشن کان پاڪ پاڪستان تحريڪ لبيڪ جو منشور آهي آزادي کان وٺي هن مهل تائين ملڪن تجربن مان گذريو آهي ٻاهرين دنيا ۾ پاڪستان جي رهڻي جي قدر ۽ قيمت نه هجڻ ڪرپٽ حڪمرانن ۽ آئي ايم ايف جي گڏ جوڙ جو ثبوت آهي اسان ملڪ اندر اسلامي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سکر: پاڪستان تحريڪ لبيڪ جا اڳواڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

نوشهروفيروز شهر ۾ امن امان قائم رهڻ لاءِ پوليس جي چيڪنگ جاري

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) نوشهروفيروز شهر ۾ امن امان قائم رکڻ لاءِ ايس ايس پي نوشهروفيروز عابد بلوچ جي هدايتن تي ايس ايڇ او سٽي نوشهروفيروز سيد عبدالخالق جيلاني جي سرپرستي هيٺ ٺاروشاهه ٻاءِ پاس سميت شهر جي مختلف چوراهن روڊ رستن ۽ مختلف چوڪن تي پوليس جي چيڪنگ آئي تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

پاڪستان پيپلز پارٽي لسانيات جي لحاظ کان صاف سياست ڪندي آهي: لال سيف

دلين تي راڄ ڪري ٿي. ڪراچي شهر جي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ ڪري رهيو آهي

ايم ڪيو ايم ڪراچي کي ٻولي جي بنياد تي ورهائي ڪراچي جي بيگناهه ماڻهن کي بيوقوف بڻائي ڇڏيو

ڪراچي مان شڪست ڏئي ايندڙ اليڪشن ۾ ڪراچي جي سيٽن تان واضح اڪثريت سان ڪاميابي ماڻيندي

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز ليبر بيورو سکر سٽي صدر لال سيف .سينيئر نائب صدر نياز شيخ نائب صدر شفيق احمد کلوڙ جنرل سيڪريٽري آغا بشير ترين لال بخش چاچڙ انفارميشن سيڪريٽري علي حسن منگي حبيب الله ميجيب شيخ ۽ ميڊيا ڪوآرڊينيٽر امداد علي گل کلوڙ پنهنجي گڏيل بيان ۾ چيو آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽي لسانيات جي لحاظ کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سکر ۾ نياڻي پريا ڪماري، نوجوان، علي اصغر منگريو سميت ٻين جي بازيابي لاءِ احتجاج

اغوا ٿيل مغوين جي بازيابي لاءِ سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاج 68هين ڏينهن به جاري رکيو ويو

احتجاجي ڪئمپ کي 2مهينا 9ڏينهن ٿيڻ باوجود مغوين جي بازيابي لاءِ ڪنهن به نوٽيس نه ورتو

موجوده نگران سنڌ حڪومت ۽ پوليس اغوا ٿي ويلن جي بازيابي لاءِ ڪي به اپاءَ نه ٿي وٺي: مظاهرين

سکر(رپورٽ امداد علي گل کلوڙ) سکر ۾ نياڻي پريا ڪماري، نوجوان علي اصغر منگريو سميت سنڌ مان اغوا ٿيل مغوين جي بازيابي لاءِ سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاج 68هين ڏينهن به جاري رکيو ويو. اظهار يڪجهتي لاءِ ڪئمپ تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سکر: اغوا ٿي ويل پريا ڪماري ۽ ٻين جي بازيابي سماجي اڳواڻ احتجاج ڪري رهيا آهن

مرڪزي جماعت اهلسنت ضلع شڪارپور جي عهديدارن جو اجلاس، اهم معاملن تي ڳالهيون

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) مرڪزي جماعت اهلسنت ضلع شڪارپور جي عهديدارن جو اجلاس درگاهه حضرت ميان فقير شاهه علوي تي ٿي گذريو جنهن جي صدارت ميان سائين تنصر احمد علوي سرپرست اعليٰ مرڪزي جماعت اهلسنت ضلع شڪارپور ڪئي ۽ تعلقه ڳڙهي ياسين جي عهديدارن کي حلف کڻايو. مرڪزي جماعت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سکر ۾ جامعه قاسم العلوم محموديه بروهي ڪالوني قريشي ڳوٺ پاران ريلي ڪڍي وئي

جامعه قاسم العلوم محموديه بروهي ڪالوني قريشي ڳوٺ پاران فلسطين سان يڪجهتي ريلي

عطاءُ الله بروهي، قاري معاويه، قاري مسرور بلوچ، مولانا امداد الله جان، مولانا امير حمزه جمالي شريڪ

اسلامي دنيا جي حڪمرانن کي گهرجي ته هو غيرت جو مظاهرو ڪن ۽ گڏجي فلسطين تائين پهچن: اڳواڻ

سکر(رپورٽر) جمعيت جي سربراهه مولانا فضل الرحمان ۽ شيخ سلام حضرت مولانا مفتي تقي عثماني جي جذبن تي عمل ۽ مظلوم فلسطينين سان يڪجهتي جو اظهار لاءِ جامعه قاسم العلوم محموديه بروهي ڪالوني قريشي ڳوٺ سکر پاران فلسطين سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ هڪ عظيم الشان ريلي ڪڍي وئي، ريلي ۾ شريڪ ماڻهن فلسطين سان يڪجهتي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

زرداري ليگ کان ڇوٽڪاري جو وقت اچي ويو آهي، نوازي عروج تي رهي آهي: غوث بخش شر

سيڪريٽري ليول جو ماڻهو به ايڏي ڪرپشن ڪري ٿو جو ڏوڪڙن جي ڳڻپ لاءِ مشينون گهٽ پون ٿيون

ڪافي علائقن ۾ جيئڻ جون بنيادي سهولتون اڻلڀ آهن ماڻهو اڄ به پٿر جي دور واري زندگي گذارڻ تي مجبور

هيلٿ سميت ڪا به ڊولپمينٽ نه ٿي آهي، جو ته هو ڪرپشن ذريعي پنهنجا گهر ڀرڻ ۾ مصروف آهن: تقريب کي خطاب

ڪراچي (رپورٽر) زرداري ليگ کان ڇوٽڪاري جو وقت اچي ويو آهي. پندرهن سالن جي دور اقتدار ۾ قبضا، ڦرلٽ، پنهنجا نوازي عروج تي رهي آهي، هاڻي سنڌ جو عوام بيدار ٿي چڪو آهي. سيڪريٽري ليول جو ماڻهو به ايڏي ڪرپشن ڪري ٿو جو گڏ ڪيل ڏوڪڙن جي ڳڻپ لاءِ مشينون گهٽ پون ٿيون، عربين روپين جي ماليت جو سون برآمد ٿئي ٿو ۽ غريب عوام ٻن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ڪراچي: ن ليگ اڳواڻ اڳواڻ قادر بخش ڪلمتي آجياڻي ۾ شريڪ آهي

مورو شهر ۾ اسپيشل ايجوڪيشن اينڊ ريهيبليٽيشن سينٽر جي انچارج تي ڪرپشن جا الزام

نوشهرو فيروز (ٻر) نوشهرو فيروز مورو شهر ۾ قائم اسپيشل ايجوڪيشن اينڊ ريهيبليٽيشن سينٽر جو انچارج ڪرپٽ راشي غلام رسول عالماڻي ڪرپشن جا سڀ رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا پنهنجي کاتو ملازمن سان ملي ڀڳت ڪري گذريل وقت کان لکين رپين جي بجيٽ کي چوٽو هٿي هضم ڪرڻ جا انڪشاف .خبر موجب قاير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

عوامي تحريڪ ضلعي بدين جي ڪارڪنن جو ڪائونسل اجلاس، اهم معاملن تي ڳالهيون

ڪائونسل اجلاس ۾ ضلعي مان سنڌياڻي تحريڪ سميت وڏي تعداد ۾ ڪارڪنن ۽ اڳواڻن شرڪت ڪئي

75 سالن کان اقتدار تي قوتن جو قبضو آهي جيڪي قائد اعظم جي بنيادي اصولن جي خلاف هئا: علي محمد

سنڌ جون لکين ايڪڙ زمينون، وسيلا ۽ معدنيات پنهنجي ذاتي جاگير سمجهي نيلام ڪيا آهن، پ پ پ ٻٽيل آهي

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) عوامي تحريڪ ضلعي بدين جي ڪارڪنن جو ڪائونسل اجلاس بدين ۾ محمد علي هائوس تي ڪوٺايو ويو جنهن ۾ ضلعي مان سنڌياڻي تحريڪ سميت وڏي تعداد ۾ ڪارڪنن ۽ اڳواڻن شرڪت ڪئي ڪائونسل اجلاس کي خطاب ڪندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ علي محمد ڪلمتي ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته گذريل 75 سالن کان پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
سومر 11 ڊسمبر 2023ع

انساني حقن جو عالمي ڏينهن: غزا ۾ بارود وسائيندڙ رُڪ جا راڪاس

اڄ سڄي دنيا ۾ انساني حقن جو ڏينهن ملهايو پيو وڃي. اڄوڪي ڏينهن تي سڄي دنيا ۾ سيمينار، ريليون، واڪ ۽ ميڙاڪن جي ذريعي انساني حقن بابت ڳالهايو ويندو ۽ جاڳرتا پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. انساني حقن جي تحفظ لاءِ عزم کي ورجايو ويندو. جاکوڙڻ لاءِ وچن ۽ واعدا ڪيا ويندا. ها، اڄوڪو ڏينهن انساني حقن جو عالمي ڏينهن آهي پر اڄوڪي ڏينهن تي به غزا ۾ بارود جي برسات جاري هوندي، رڪ جا راڪاس غزا جي فضائن ۾ هيبتناڪ گجگوڙ سان باهه اوڳاڇي رهيا هوندا. ڇو ته سڄي دنيا ۾ پاڻ کي انساني حقن جو چئمپئين سڏرائيندڙ آمريڪا بهادر گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل ۾ غزا ۾ جنگبنديءَ واري ٺهراءُ کي ويٽو ڪري ڇڏيو آهي. انساني حقن جو اهو عالمي ڏينهن آمريڪا ۾ پڻ ملهايو ويندو پر بائيڊن انتظاميا جي نمائشي دعوائن ۽ انساني حقن جي ابتڙ عمل کي دنيا حيرت سان ڏسي رهي آهي.

انساني حقن جي حوالي سان سڄي دنيا ۾ حالت تمام گهڻي خراب آهي. جنگي جنون ۾ ورتل آمريڪا ۽ ان جي ست ڀڳهاڙي (اتحادي) انساني حقن جون ڇڪتاڻيون ڪري جنگيون مڙهي رهيا آهن، جنهن جو تازو مثال غزا آهي. جتي اسرائيل آمريڪا جي هُشي ۽ حمايت سان جنگي ڏوهن جو مرتڪب ٿي رهيو آهي. سڄي دنيا جي امن پسند ماڻهن طرفان اسرائيلي ظلم خلاف احتجاج ڪيا ويا آهن، فلسطينين جو قتل عام روڪڻ جي لاءِ مطالبا ڪيا پيا وڃن پر ان جي باوجود اسرائيل جي "ته" کي 9 ڪوٽ آهن. جو ان کي آمريڪي حمايت حاصل آهي ۽ آمريڪا کي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل ۾ ويٽو جو اختيار حاصل آهي. ڇو ته سڄي دنيا پلي هڪڙي پاسي هجي پر مرضي وري به ويٽو واري ملڪ جي هلندي آهي.

انساني حقن جي صورتحال اسان جي ملڪ ۾ به بنهه خراب آهي. انساني حقن جي تحفظ جي حوالي سان اسان ان فهرست ۾ گهڻو هيٺ آهيون. دنيا ۾ پاڻ کي لبرل ۽ روشن خيال ظاهر ڪرڻ لاءِ اسان جي حڪمران انساني حقن جي حوالي سان قانونسازي ته ڪرائي آهي پر ان تي عمل نٿو ٿئي. هن ملڪ جي آئين ۾ انساني حقن جي ضمانت ڏنل آهي پر اياڳ اهو آهي ته هتي خود آئين به معطل ٿيو وڃي. هتي اظهار جي آزادي تي اڻ اعلانيل بندش آهي. سڄي ملڪ مان ماڻهن کي جبري طور تي گم ڪيو پيو وڃي. ماڻهو روڊن ۽ رستن، گهرن، شهرن ۽ شاهراهن تان اڻ ڄاتل عقابن ذريعي کنيي گم ڪيا وڃن ٿا ۽ حالت اها آهي ته ان حوالي سان عدالتن جا حڪم به نٿا مڃيا وڃن. اڄوڪي ڏينهن تي هن ملڪ جي پنج ستاره هوٽلن جي سينگاريل هالن ۾ انساني حقن بابت اڄوڪي ڏينهن جي مناسبت سان منعقد ٿيندڙ پروگرامن ۾ شعلا بياني جا جوهر ڏيکاريا ويندا ۽ لفظن جي فضول خرچي ڪئي ويندي، پر جيڪڏهن انساني حقن جي تنظيمن جي مجموعي ڪردار کي ڏسجي ته اها ڳالهه سامهون اچي ٿي ته انهن تنظيمن جو سڄو زور انساني حقن جي حوالي سان رپورٽون ڇاپڻ تي هوندو آهي ته جيئن اهي دنيا ۾ پاڻ کي فعال ڄاڻائي سگهن پر انساني حقن جي تحفظ جي حوالي سان انهن جو عملي ڪردار بنهه گهٽ ٿو نظر اچي. البته سنڌ ۾، انساني حقن واري ڪميشن (پاڪستان) جي ان سرگرمي جي ساراهه نه ڪرڻ به بخل هوندو، جنهن ۾ انهن طرفان سڪرنڊ جي ڳوٺ ماڙي جلباڻي ۾ ٿيل ڳوٺاڻن جي قتل بابت فيڪٽ فائنڊنگ ذريعي حقيقتون سامهون آنديون. نه ته پيا لاتعداد معاملا آهن، جن ۾ انساني حقن لاءِ جاکوڙڻ جي دعويدار تنظيمن جو ڪردار ڪو گهڻو ساراهه جوڳو نه آهي. جيتري قدر اظهار جي آزاديءَ جو تعلق آهي ته ميڊيا گهڻي عتاب ۾ رهي آهي. گهڻي ۾ گهڻي جبر هيٺ هن ملڪ ۾ صحافي رهيا آهن، جن جي قتل ۽ اغوا جا واقعا ٿيندا رهن ٿا ۽ هي ملڪ صحافين جي لاءِ گهڻو خطرناڪ سمجهيو وڃي ٿو پر حيرت اها آهي ته اظهار جي آزاديءَ جي خلاف ان ڏاڍ جي ذميوارن خلاف ڪو به قدم نٿو کنيو وڃي ۽ اهي واقعا گهٽجڻ بدران وڌندا وڃن.

انساني حقن جي هن عالمي ڏينهن تي ته انساني حقن جو تذڪرو ٻڌڻ ۾ اچي ٿو پر اهو اهم موضوع سال جي باقي 364 ڏينهن تائين وساريل رهي ٿو. هتي جي ماڻهن کي شخصي آزادي به حاصل ناهي. اسان جو اياڳ اهو آهي ته هتي شخصي آزاديءَ تي وسيلا خرچ ڪرڻ بدران اها آزادي سلب ڪرڻ تي خرچ ڪيو وڃي ٿو. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ملڪ ۾ ڏينهون ڏينهن ابتريءَ ڏانهن وڌندڙ انساني حقن جي صورتحال تي ڌيان ڏنو وڃي. انساني حقن جي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي، جن جي ضمانت شهرين کي هن ملڪ جي آئين ۾ مليل آهي.

سنڌي ثقافتي ڏهاڙو ۽ سورمين جو پيغام

ندا دايو

سنڌ ڌرتي سان پيار ڪندڙ هر شهري لاءِ ڊسمبر جو مهينو ڄڻ ته عيد مثل هوندو آهي ڇو ته ڊسمبر جي پهرئين هفتي جو پهريون آچر سنڌي ثقافتي ڏينهن طور دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ملهايو وڃي ٿو هن ڏينهن ملهائڻ جي شروعات سنڌ جي مهان هستي علي قاضي، سنڌي لباس خلاف ڏنل بيان کان پوءِ ڪئي، علي قاضي جي اهڙي فيصلي تي سنڌ ڌرتي سان پيار ڪندڙ هر ماڻهو لبيڪ چيو ۽ سنڌ سان پيار خاطر ٻاهر نڪتو ۽ باقاعدا هن ڏهاڙي کي ملهائڻ لڳو.

هن دفعي 3 ڊسمبر 2023، ڪجهه خاص هو ڇو ته اسلام آباد جي سرد ۽ خاموش فضا ان وقت سنڌ جي گيتن ۽ سنڌي رقص سان مهڪجي پئي جڏهن سنڌ سان تعلق رکندڙ نياڻين اسلام آباد ۾ پنهنجي مدد پاڻ تحت هڪ شاندار ثقافتي پروگرام منعقد ڪيو. سنڌ سان تعلق رکندڙ اهي نياڻيون ٽي سال اڳ اسلام آباد ۾ رهندڙ هڪ سنڌي گروپ سورميون جو آغاز ڪيو جيڪو هن وقت اسلام آباد ۾ رهندڙ تقريبن 150 خاندانن تي مشتمل آهي ۽ اڃا وڌي رهيو آهي. سورميون گروپ جيڪو هن وقت آرگنائيزيشن جي شڪل اختيار ڪري ويو آهي ان جي بنياد جو مقصد سنڌ سان تعلق رکندڙ نياڻين کي هڪ پليٽ فارم مهيا ڪرڻ هو جتي پنهنجي اباڻن ڪکن کان پري ويٺل سورميون پاڻ جيتري سرتين سان ملن، هڪ ٻئي جي مدد ڪن جتي سندس پانجهاڻپ جو احساس ٿين ۽ پنهنجو نيٽ ورڪ وڌائين. سورمين جوهي پليٽ فارم انهن گهريلو عورتن لاءِ هڪ لاٽ مثل آهي جيڪو انهن عورتن جي حوصلا افزائي ڪري ٿو جن ۾ صلاحيتون موجود آهي پر گهرن تائين محدود آهن.

هن پروگرام جي چيف آرگنائيزر گل ناز جو چوڻ هو جڏهن ٻه سال اڳ ايف نائن پارڪ ۾ هي ثقافتي ڏهاڙو پهريون ڀيرو ٽاڪوري جي سهڪارسان ۽ پنهنجي مدد پاڻ تحت عام گهريلو عورتن ملهايو ته هن جي دماغ ۾ اڄ جو ايونٽ جو خواب هو ته ڪهڙي نموني اهڙو پليٽ فارم جوڙجي جتي سنڌي عورتون ۽ سندن خاندان ملي ڪري سنڌي ثقافتيڏينهنملهائين ۽ انمان لطف اندوز ٿين ۽ اهيو خواب تڏهن ئي ساڀيان ٿيو جڏهن سنڌ سان پيار ڪندڙاسان سورمين ڏينهن رات هڪ ڪري محنت ڪئي، اهيا اسان سورمين جي ٽيم ۽ والنٽيئرز جي اڻ ٿڪ محنت جو نتيجو آهي جو اسين ايف نائن پارڪ کان شروع ڪيل سفرهن وقت ايتري وڏي ليول تي کڻي آيا آهيون ۽ اسلام آباد جي پي اين سي اي ۾ هڪ ڪامياب پروگرام ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهيون.

ان سڄي پروگرام جو سورميون دل جي گهرائين سان شڪر ادا ڪيو ٽاڪوري ۽ سنڌ ڪلچرل ڊپارٽمينٽ جو جن هن خواب کي پوري ڪرڻ ۾ ڀرپور مدد ڪئي. سائين منور علي ميهسر صاحب ڊي جي ڪلچر سنڌ، سائين سيد جنيد شاهه ڪلچر منسٽر ۽ عبدالعليم لاشاري صاحب سيڪريٽري ڪلچرجن هن ٽن مهينن جي مسلسل ڪوشش ۾ سورمين جو ساٿ ڏنو ڀرپور مدد ڪئي ۽ مڪمل سهڪار ڪيو ان کان علاوا سورميون سنڌ کان آيل تمام دوستن جون ٿورائتيون شڪرگذار آهن جن سورمين جي سڏ تي لبيڪ چئي اسلام آباد پهتا ۽ پروگرام ۾ چارچنڊ لڳائي ڇڏيا، هن ثقافتي پروگرام ۾ سورمين جا پارٽنر او جي ڊي سي ايل، ڊيجيٽل ڊسٽريبيوشن پليٽ فارم (سي بي اي)، شنگن آئو اسلام آباد، آل سنڌ سنگيتڪار ايسوسيئيشن (آسا)، ميڊيا 360، ۽ جستجو فائونڊيشن هئا.

هن پروگرام ڪرائڻ جو مقصد نئي ٽيلينٽ کي اسلام آباد کي پليٽ فارم مهيا ڪرڻ ۽ اسلام آباد ۾ رهندڙ سنڌين سان متعارف ڪرڻ، ماحول ۽ آبهوا ۾ وڌندڙ آلودگي خلاف عورت جي ڪردار کي اجاگر ڪرڻ، عورتن کي صنفي برابري ڏيڻ ۽ بااختيار بڻائڻ لاءِ شعور بيدار ڪرڻ ۽ عورت جو ثقافتي ورثي کي محفوظ بنائڻ ۾ سندس ڪردار کي اجاگر ڪرڻ هو.

جيئن ته اسان کي خبر آهي ته عورت صدين کان صنفي اڻ برابري، معاشي ۽ معاشرتي استحصال، بک، ۽ بدحالي جو شڪار رهي آهي ۽ ان ٿي حالت جو شڪارموجوده دور جيسنڌي عورت به آهي. جيڪڏهن ڪجهه هزار سال اڳ قديم سنڌو ماٿري جي تهذيبن تي نظرڦيرايون ته اسان کي معلوم ٿيندو ته سنڌو ماٿري جي عورت هڪ بااختيار، آزاد عورت هئي جنهن کي سنڌي سماج ۾ اهم ڪردار ۽ اعلي مقام حاصل هو جيڪا مردن سان شانه بشانه سماجي، معاشرتي، ۽ ثقافتي ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو پئي. سورمين جو مقصد به اهڙوئي معاشرو تعمير ڪرڻ آهي جتي هرسورمي بنا ڪنهن فرق جي مردن جي شانه بشانه هلي ڪم ڪري، بااختيار بڻجي ۽ معاشري جي ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري.

هن دفعي سورميون ٻه ٽي ڊسمبر تي پنهنجو پليٽفارم اهڙن نياڻين جي حوالي ڪري ثابت ڪيو ته جيڪڏهن سنڌ جي نياڻي کي به برابر جا حقوق ۽ تعليم ڏني وڃي ته اهي ڪنهن به ميدان ۾ پاڻ مڃائي سگهن ٿيون. انهن جو مثال سنڌ جي هڪ ننڍي شهر محراب پور سان تعلق رکندڙ نياڻي ڪائنات ٽيبو جو آهي، جنهن جي سوچ ۽ سندس ڪم نالي وانگر وسيع آهي. ڪائنات بيڪن هائوس يونيورسٽي لاهور مان فلم ۽ ڊاڪيومينٽري ناهڻ ۾ گريجوئيشن ڪئي ۽ هن وقت شارٽ فلم ۽ ڊاڪيومينٽري ناهڻ سان گڏ هوءِ لاهور ۾ فلم ميڪنگ جي تعليم پڻ ڏئي رهي آهي. هن وقت تائين سندس ڪيل ڪم ڏيهه ٽوڙي پرڏيهه ۾ مقبول آهي، هن ڪيترين ئي فيلوشپس حاصل ڪيون آهن ۽ هن جو ڪيل ڪم ڏيهي توڙي پرڏيهي ميڊيا انڊسٽري ۾ مختلف ايوارڊز لاءِ پڻ نامزد ڪيو ويو آهي. سنڌي ثقافت واري ڏهاڙي، سورمين طرفان ڏنل دعوت کي قبوليندي هن پنهنجي هڪ ڊاڪيومينٽري پڻ پيش ڪئي جيڪا سنڌ سان تعلق رکندڙ هڪڙي سورمي تي مشتمل آهي جيڪا هڪ آرٽسٽ هئڻ سان گڏ هڪ ريٽائرڊ استاد پڻ آهي جنهن ۾ هن هڪ استاد جي ڪردار سان گڏ عورتن جو معاشري ۾ مقام، سندن معاشرتي دٻاءُ، عورتن جي اظهار جي آزادي ۽ انهن جو بااختيار هئڻ، مذهبي هم آهنگي، رواداري، پيار ۽ ايثار جهڙن مختلف پهلوئن تي غور ٿيل آهي. ڪائنات جوهي سفر ٻين نياڻين لاءِ مشعلي راهه آهي ته جيڪڏهن هڪ عام سنڌي عورت پنهنجي خوابن جي تعبير لاءِ روائتي شعبن کان هٽي ڪري ڪنهن مختلف شعبي جي چونڊ ڪري، محنت ڪري ٿي ته هوءِ هر ميدان ۾ ڪاميابي حاصل ڪري سگهي ٿي، ٻين نياڻين لاءِ رستو ڏاهي پنهنجو پنهنجي والدين جو ۽ ملڪ جو نالو روشن ڪري سگهي ٿي.

سنڌ جي سورميون هر ميدان ۽ هر هنر ۾ پاڻ مڃايو آهي پوءِ اهي شاهه جي دور جون سورميون هجن يا اڄ جي دور جون. اهي ڪڏهن به ڏونگرن جهڙي ڪٺن رستن، موج پري درياءَن يا زماني جي سختي کان نه گهٻرائيون آهن نه ٿي ٿڪيون آهن. بلڪ پختا يقين ۽ ثابت قدمي سان اڳتي وڌي پنهنجي موجودگي جو ثبوت ڏنو آهي. اهڙي ئي هڪ زندا دل سورمي شاهين گل جيڪا زماني جي ريتن رسمن کان ڪجهه الڳ ڪرڻ جو فيصلو ڪري پنهنجو مٽ پاڻ بڻي. جتي شاهين گل جو جڏهن نالو ونجي ٿواتي چنگ دماغ ۾ اچي ٿو ڇو ته چنگ ٿي سندس سڃاڻپ بڻجي ويو آهي. بدين سان تعلق رکندڙ هن سورمي پنهنجي مدد پاڻ تحت چنگ وڄائڻ شروع ڪيو چنگ سان عشق تڏهن ٿيو جڏهن هوءِ ريڊيو تي چنگ ٻڌندي هئي، ٻارنهن سالن جي مسلسل ڪوشش کان پوءِ آخر ڪار هوءِ پنهنجي منزل تي پهتي آهي شاهين جو چوڻ آهي ته زندگي جي جنگ هر ماڻهون جي پنهنجي هوندي آهي توهان اها جنگ تستائين اڪيلا وڙهندا آهيو جستائين توهان ڪامياب نه ٿا ٿيو، جڏهن توهان ڪاميابي ماڻيو ٿا ته ماڻهن جا قافلا توهان سان گڏ هلڻ شروع ڪندا آهن، ان ڪري هڪ سورمي کي پنهنجي جنگ وڙهڻ کپي ۽ اڳتي اچڻ کپي تڏهن ئي هوءِ ڪاميابي حاصل ڪري سگهي ٿي.

سورمين جي فائونڊر گل ناز جي تعريف ڪندي چيو تا اسلام آباد سورمين جي سڏ تي اچڻ هن لاءِ باعث خوشي آهي ته سنڌي عورتون ملي ڪري اهڙي ليول جو پروگرام منعقد ڪيو آهي، هن جو چوڻ هو ته هڪ سورمي هئڻ جي ناتي هن ان پروگرام جو حصو بڻجي پنهنجي عورت هئڻ جو حق ادا ڪيو آهي، ۽ سندس وڌيڪ چوڻ هو ته سورميون اهيو پروگرام ڪري پاڪستان جي تاريخ ۾ هڪ ٽرينڊ جوڙيو آهي عورتون پنهنجي مدد پاڻ تحت هر ڪم ڪري سگهن ٿيون ۽ سندس خواهش آهي ته اهڙا گروپ دنيا ۾ هر هنڌ هئڻ کپن ته جيئن هڪ ٻئي مان سکڻ جو موقعو ملي سگهي.

اهڙيون ڪيتريون ئي سورمين جون مثالون تاريخ ۾ موجود آهن جتي صوفين جي سرزمين سان تعلق رکندڙ سورميون ريتن ۽ رسمن جواحترام ڪندي ڪجهه مختلف ڪري نه صرف پنهنجو بلڪ پنهنجي وطن جو نالو روشن ڪيو آهي. سورمين طرفان اهڙين باوقار ۽ بااختيار عورتن کي پنهنجو پليٽفارم مهيا ڪرڻ جو مقصد سنڌي ماڻهن ۾ شعور بيدار ڪرڻ آهي ته پنهنجي نياڻين کي تعليم ڏيارن، انهن جي خوابن جي تعبير حاصل ڪرڻ ۾ سندن مدد ڪن ۽ هر ايندڙ رڪاوٽ کي ختم ڪرڻ ۾ سندن ساٿ ڏين.

نياڻي جو ڏاج جمع ڪرڻ بجاءِ سندس تعليم جهڙي زيور ۾ سيڙپڪاري ڪري پنهنجي نياڻي جو مستقبل روشن بڻائن. سنڌي ثقافت کي ٽوپي اجرڪ، سنڌي ڪاڏن، موسيقي ۽ رقص تائين محدود نه رکون بلڪ پنهنجن ٻارن چاهي ڇوڪرو هجي يا ڇوڪري هڪ جهڙي سٺي تعليم ڏياريو. پنهنجي نياڻين کي اعلي تعليم ڏياريو هنن کي روشن مستقبل جا خواب ڏيکاريو ۽ سندن انهن خوابن کي پورو ڪرڻ ۾ مدد ڪيون تڏهن ئي سنڌ ترقي ڪندي ۽ سنڌي ثقافتون قائم رهنديون.

سنڌ جي هر سورمي جو اهيو ئي پيغام آهي ۽ اميد ته اسان پنهنجي نياڻين کي مستقبل جا معمار ڏاهينداسين.

سائَرِ صِحتَ سُپرِين، آهي نہ آزارُ؛
مجلسَ ويرَ مِنو ٿئي، ڪوثِيندي ڦهارُ؛
خَنجرُ تنهن خُوب هٽي، جنهن سين ٿئي يارُ؛

سنڌ، پارلياماني قيادتون، عوام ۽ ادارا!!

رحمت الله پرڙو

سنڌ صوبو پاڪستان جو واحد صوبو آهي جنهن جو روينيو سڀني صوبن کان ملڪي بجيٽ ۾ وڃي ٿو ڪرمجي يا نه پر هن وقت ان صوبي سنڌ جي عام ماڻهن کان ويندي ادارن جي ڌرتيءَ جي ماحول جي جيڪا ٿيل خراب حالت آهي سا ڪنهن کان ڳجهي يا لڪل ڪونهي..!! اهڙي بگڙيل ۽ متاثر صورتحال ۾ سنڌ ڪٿي بيٺي آهي هتان جو عوام ڇا ٿو سوچي اهو عام ماڻهون کان وڌيڪ ادارن کي پتو يا خبر هوندي. سنڌ جنهن قدرتي نعمتن سان نوازيل ۽ مالا مال ڌرتي آهي ان کي بهتر کان بهتر ڪرڻ بجاءِ جيڪا خرابز ورتاءُ ۽ لٽ ڦر ذريعي حالت ڪئي آهي سان بلڪل به سڌرڻ کان ڄڻ ته ڪوهين ڏور يا سالن جي سفرتي بيٺل هجي..!! سنڌ مٿان پارلياماني پارٽين جون قيادتون اقتداري رمز کي حاصل ڪرڻ خاطر ڪنهن شڪاريءَ جيان اليڪشن جوڙ توڙ جو جار وڇائڻ جا سانباها ڪن پيون مثال جي طور تي پيپلز پارٽي پارليامنٽيرين، نوازليگ ۽ جي ڊي اي کان ويندي جي يو آءِ ۽ ايم ڪيو ايم ترٽي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽيءَ سميت سنڌ ترقي پسند پارٽي ۽ قومي عوامي تحريڪ تائين پارلياماني پارٽين جون قيادتون اليڪشني جوڙ توڙ جو حصو پڻ آهن اقتداري ڪاريڊور لاءِ قومي سطح جي پارٽين وٽ وڏي پشماني تي جوڙ توڙ آهي ۽ انهن لاءِ هنن پنهنجيون صوبائي قيادتون ۽ سيڪنڊ ڪلاس قيادتن کي ذميوارين ۽ جوڙ توڙ لاءِ سنڌ جي سياسي ماحول ۾ ڇڏي ڏنو آهي. سياسي پارلياماني پارٽين خصوصي طور ب ب ب ۽ نوازليگ ظاهري طور ۽ پي ٽي آءِ خاموشيءَ سان مرڪزي قيادت پلس عمران خان ڪم ڪري پئي ته قومي سطح تي اقتداري اختيار حاصل ڪجن پر اتفاق سان ڪنهن به مجبوريءَ تحت عمران خان پي ٽي آءِ قيادت ڇڏڻ کان پوءِ پنهنجي پارٽيءَ قيادت ۽ سپورٽرز کي حالتن جي رحم وڪرم تي ڇڏي ڏنو باقي قومي پس منظر ۾ اقتداري حاصلات پ پ پ ۽ نوازليگ قيادت جو ٽارگيٽ رهي ٿي. ان ۽ اهڙيءَ صورتحال ۾ پيپلز پارٽي پنهنجي سياسي ۽ اليڪشن ويڙهه واري هيثيت ۾ ظاهري طور سنڌ ۾ ڄڻ ته اڪيلي نظر اچي پئي پر هوءِ پنهنجي سياسي ٽوڙي جوڙ نتيجن ۾ اليڪشن حڪمتي عمليءَ سان سڀني جي سامهون ڀاري نظر اچي پئي..!! جڏهن ته نوازليگ قيادت جي ڊي اي سميت ايم ڪيو ايم ترٽي جي يو آءِ سان اتحاد يا سيٽ ايڊجسٽمنٽ ڪري به پوءِ به پ پ پ جي قيادت جي اليڪشني حڪمتي عمليءَ ۾ ڪمزور نظر اچي رهي آهي ان جو وڏو سبب سندس تنظيم ڪاري ته هجڻ سميت اقتدار ۾ هوندي پنهنجي پارٽيءَ جي حامين ترٽي ڪارڪنن ۽ صوبائي قيادت تي توجه نه ڏيڻ اهم آهي. جڏهن ته خود اقتداري اتحادين کي ماضيءَ ۾ اها موٽ ناهي ڏيندي جيڪا نمائيندگيءَ جي بنياد تي ملڻ کپي..!! اهوئي سبب آهي جو بشير ميمڻ ن ليگ سنڌ کي سنڀالي ٿو ۽ اليڪٽيبلز تي ڪم ڪري پيو پر سينيئر پارٽي عهديدار ۽ ڪاڪن گڏ ڪونه اٿس. جڏهن ته ان معاملي ۾ پيپلز پارٽيءَ وٽ سياسي، تنظيمي، اتحادي بنيادن کان ويندي اليڪشني حڪمتي عمليءَ سميت پولنگ واري ڏينهن عوامي راءِ عام ڪيئن پولنگ تي آڻجي اها حڪمتي عملي سنڌ ۾ پيپلز پارٽيءَ کان پوءِ ڪٿي نظر ڪونه ايندي..!! هاڻي جنرل اليڪشن ويجهو هجڻ سبب سنڌ ۾ سياسي، پارلياماني ۽ اقتداري ڊوڙ جون شوقين ڌريون سنڌ ۾ جوڙ توڙ لاءِ پنهنجا واسطا ۽ مهرا استعمال ڪن پيون پيپلز پارٽي نوازليگ ناراض سنڌ بيسد اڳرائي ۽ متاثر ڪارڪنن جن جي اليڪشني حيثيت پنهنجي پنهنجي حلقن ۾ ڪجهه وزندار آهي تي ڪم ڪري پئي جيئن، شاهه محمد شاهه، سيدغوث علي شاهه، سيد اصغر علي شاهه کان ويندي راحيلا مگسي جا به اطلاع آهن ته پ پ پ قيادت سان رابطن ۾ آهي اهڙي طرح سان ن ليگ جو صوبائي صدر اڳوڻو آءِ جي بشير ميمڻ به ڪيٽل داس ڪوهستاني کي ساڻ ڪڻي اليڪٽيبلز تي ڪم ڪري رهيو آهي جنهن ۾ تيغو خان تيغاڻي پڻ اهم وڪيٽ هو ن ليگ لاءِ ڪشمور ڪان!!! سيد علي نواز شاهه لاءِ اطلاع آهن ته هو پيپلز پارٽي کان ٽڪيٽ ڪونه ٿو وٺي ۽ پ پ پ پارلياماني بورڊ جي انٽرويوز ۾ به سندس يا خاندن مان ڪوئي ڪونه آيو! شايد آزاد طور اليڪشن وڙهي.

هوڏانهن اڳوڻو وزيراعلي سنڌ ارباب غلام رحيم کان ويندي لياقت علي جتوئي پڻ جي ڊي اي جوائن ڪري چڪا آهن ۽ ايئن غلام مرتضي جتوئي به جي ڊي اي جو حصو ٿيڻ تي مجبور ٿيو آهي ۽ ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته غلام مرتضي جتوئي جي ٿيو جتوئيءَ واري ناشتي ۾ لياقت علي جتوئي کي شامل ڪرائڻ جو فيصلو پڻ ٿيو جنهن جو مهمان پڻ پير صاحب پاڳاري جو تندو پاهه پير صدرالدين شاهه پڻ هو ۽ انهن جي ڳڏيل ملاقات پڻ لياقت جتوئيءَ کي ن ليگ کان وڌيڪ جي ڊي اي ڏانهن جهڪاءُ ڏياريو. عوام جي ڀلائيءَ لاءِ انهن سڀني سياسي ۽ اقتداري ڌرين وٽ ڇا پروگرام آهي؟! سواءِ هنن ڄڻ ته ظاهر ٿي ناهي ڪيو ۽ هتي هن سموري سياسي پس منظر ۾ سڀني کي اقتدار نظر پيو اچي ۽ اهو اقتدار ڪنهن به ۽ ڪهڙي به شرط تي هو آشيرواد طور وٺڻ لاءِ مجبور آهن پر اتي عوام، صوبو ۽ ادارن جي سموري ۽ هر رخ کان صورتحال خراب کان خراب تر آهي ڪيئن سڌرندي سو انهن جي ڪنهن به منشور ۽ پروگرام جو اعلان اڃا ناهي ٿي سگهيو! جيڪو پڻ ٿيڻ اشد ضروري اهو آهي صوبائي ادارن جي ٿيل خراب صورتحال جنهن ۾ رشوت راڄ جي راند کان سواءِ ڪرپٽ عملو ڪجهه ڪونه ٿو ڪري..!! سنڌ جي زراعت کاتي کان ويندي ايڪسائيز، روينيو روڊس کان ويندي تعليم، يونيورسٽيون، صحت، پلاننگ، خوراڪ، فنانس کان ويندي اي جي آفيسز يا کاتن ۾ ڪروڙن نه پر اربين روپين جا فراڊ هر روز ميڊيا جي زينت بڻجن ٿا. انهيءَ صورتحال کان ويندي عوام سان ٿيل زياديتيون اهي امن وامان جي صورت ۾ هجن يا ڪجهه ادارتي بنيادن تي مهانگائيءَ کان ويندي صحت جي معاملن جا مسئلا هجن انهنجو حل ڪنهن اڃا سامهون ناهي آندو! ان ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته مٿين سڀني سياسي عوامي، ادارتي اهنجن جو حل وقت ۽ سڄي قيادت جي منزل هجڻ کپي. اهڙيءَ طرح سان اليڪشن جي جوڙ توڙ کان ويندي سنڌ ۾ چونڊ اڳڪٿي ڪرڻ ايڊوو ڊو ڏکيو ڪونهي ظاهري حالتن موجب باقي اسٽيبلشمنٽ کي نهارڻ ۽ نتيجا وٺڻ جي ڪوشش ڪندڙ اقتداري راند ڪيڏانڊ حلتا بهتر ڄاڻن ٿا جنهن ۾ پيپلز پارٽي قيادت جو سياسي ۽ اقتداري راز ڪو ڳجهو ڪونهي رهيو جنهن کان هو انڪار ڪن يا سندس مخالف واقفڪار نه هجن..!!

بقايا *** 01

سطح تي اگهن ۾ لاٽ ۽ ڊالر جو اگهه گهٽجڻ سان پاڪستان ۾ به 15 ڊسمبر کان ايندڙ 15 ڏينهن لاءِ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ لاٽ جو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي. ملڪ ۾ هن وقت پيٽرول جي قيمت 281.34 رپيا ليٽر، جڏهن ته ڊيزل جي قيمت 289.79 رپيا في ليٽر آهي. حڪومت پيٽروليم شين جي اگهن ۾ امڪاني تبديلي جو حتمي فيصلو 15 ڊسمبر تي ڪندي.

بقايا *** 02

ڪري ڇڏيو. پارلياماني بورڊ جي ڊي اي جي 13 اڳواڻن تي ٻڌل هوندو. پارلياماني بورڊ جو چيئرمين جي ڊي اي جو سربراهه پير پاڳارو هوندو، صفدر عباسي پارلياماني بورڊ جو سيڪريٽري ۽ سردار عبدالرحيم اطلاعات سيڪريٽري هوندو. پارلياماني بورڊ طرفان قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي اميدوارن کان درخواستون طلب ڪيون ويون آهن.

بقايا *** 03

ٻولهه ڪن جڏهن ته امير جماعت اسلامي ڪراچي حافظ نعيم الرحمان چيو ته هو قبضا ميئر کي ڪڏهن به قبول نه ڪندو خانگي ٽي وي جي پروگرام حافظ نعيم ۽ مرتضيٰ وهاب آمهون سامهون اچي ويا حافظ نعيم چيو ته مرتضيٰ وهاب سان ڪو ذاتي جهڳڙو نه آهي اعتراض نظام تي آهي قبضا ميئر کي ڪڏهن به قبول نه ڪنداسين هن چيو ته بجيٽ ڪائونسل ۾ آئيو ته ان تي ڳالهائي وٺون ٿا هن چيو ته ايڊمنسٽريٽر ڪراچي پي پي جو هو چوته 15 سالن کان ان جي حڪومت آهي ايڊمنسٽريٽر ڪراچي بجيٽ پراڻي تاريخن ۾ پاس ڪرائي ورتي هڪ ٿي مطالبو آهي ته هر يو سي کي گهٽ ۾ گهٽ 3 ڪروڙ جا فنڊ ته ڏيو ميئر ڪراچي بجيٽ ڪٿي اچي ۽ اڪثريت سان پاس ڪرائي ميئر ڪراچي چيو ته حافظ نعيم الرحمان کان سوال ٻڌجي ٿو ته هو چو اختلاف جي سياست ڪري رهيو آهي اسان خاموش ناهيون ڪم ڪري رهيا آهيون بجيٽ بابت مڪمل تفصيل کي ايم سي جي ويب سائيٽ تي موجود آهي هن چيو ته ذميواري سان چوان ٿو ته بجيٽ 13 جون تي پاس ٿي وٺي هئي کي ايم سي بجيٽ سان پيپلزپارٽي جو ڪو تعلق نه هو ڪائونسل آئيني ۽ قانوني باڊي آهي جماعت اسلامي کي بجيٽ تي اعتراض آهي ته ٺهراءُ پيش ڪري حافظ نعيم الرحمان ڳالهين لاءِ تيار آهي ته سڀاڻي ان وٽ اچان ٿو.

بقايا *** 04

حقن جي کليل ڀڃڪڙي ڪري رهيو آهي. عالمي برادري ڪشميرين تي ٿيندڙ ظلمن تي ڀارت جو احتساب ڪري. ٻئي پاسي نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ عالمي برادري کان مطالبو ڪيو آهي ته ڪشميرين جي حقن لاءِ ڀارت تي دٻاءُ وڌو وڃي انساني حقن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ چيو ته پاڪستان انساني حقن جي عالمي پڌرنامي جي حمايت ۽ ان کي برقرار رکندو. پاڪستان ملڪي ۽ عالمي سطح تي انساني حقن جي تحفظ لاءِ موثر قدم کنيا آهن پاڪستان مذهب، رنگ ۽ نسل جي فرق کان سواءِ انساني حقن جي تحفظ لاءِ ڪوششون جاري رکندو. هن چيو ته ڀارت والاريل جمون ۽ ڪشمير ۾ انساني حقن جون سنگين ڀڃڪڙيون ڪري رهيو آهي. 5 آگسٽ 2019 جي غيرقانوني ڀارتي قدم جو مقصد والاريل ڪشمير ۾ آبادي جي تبديلي آهي. عالمي برادري ڪشميرين جي حقن لاءِ ڀارت تي دٻاءُ وجهي. نگران وزيراعظم چيو ته غزه ۾ نه فلسطينين تي اسرائيلي ظلم ڳڻتي جوڳي آهي. غزه ۾ انساني حقن جي خطرناڪ صورتحال سڀني جي سامهون آهي. اسرائيل غزه ۾ انساني حقن جي سنگين ڀڃڪڙين جو مرتڪب ٿي رهيو آهي انوار الحق ڪاڪڙ چيو ته فلسطين ۾ عورتن ۽ ٻارن سميت هزارين ماڻهو شهيد ٿي چڪا آهن. عالمي برادري کي غزه ۾ جنگ بندي لاءِ فوري ڪوششون ڪرڻ گهرجن ٻئي پاسي

بقايا *** 05

اهي هن ملڪ جا ڏوهي آهي. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ مان اميد رکون ٿا ته هو پنهنجي اداري تي لڳل رت جو ڇٽو پنهنجي هٿن سان ڌوئيندو. سندس موجب اسان کي چيو ويو ته خيبر پختونخواهه جي وڏي وزير جو فيصلو ٿي چڪو آهي. تنهن ڪري هتي ڪنوينشن نه ڪيو. سياستدانن جا چونڊ وڙهڻ جا مقصد ذاتي آهن. چونڊن ۾ نه ڪوراندي گرءِ نه پيو ڪو اسان جو مقابلو ڪري سگهي ٿو هڪ چونڊ ان ڪري وڙهي رهيو آهي ته جيل مان نڪري وڃي ۽ ٻيو ان ڪري وڙهي رهيو آهي ته جيل کان بچي وڃي پر مان عوام جي مسئلن جي حل لاءِ چونڊ وڙهي رهيو آهيان. هن چيو ته اسان رڳو عوام لاءِ چونڊ وڙهي رهيا آهيون. چو ته اسان جي قائد سيکاريو هو ته طاقت جو سرچشمو عوام آهي. اسان روايتي ورهاست جي سياست کي دفن ڪري خدمت جي سياست جي شروعات ڪنداسين. اسان جو مقابلو سياستدانن سان ناهي، بيروزگاري، مهانگائي ۽ غربت سان آهي.

بقايا *** 06

آهي. هن اها ڳالهه انساني حقن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي وزيراعليٰ هائوس مان جاري ڪيل سندس بيان ۾ ڪئي. نگران وڏي وزير چيو ته اظهار جي آزادي، تعليم ۽ صحت جون سهولتون انساني حقن جو حصو آهن. انساني حقن کي بغير ڪنهن فرق جي فراهم ڪرڻ سان سماج ترقي ڪري ڪندو آهي ۽ انساني حقن کي يقيني بڻائڻ لاءِ معاشري ۾ انصاف تمام ضروري آهي. سنڌ سميت سڄي پاڪستان ۾ سڀني شهرين کي برابري جا حق حاصل آهن. نگران وڏي وزير چيو ته گڏيل قومن کي فلسطين ۽ ڪشمير ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين تي مداخلت ڪرڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو ته سندس عالمي برادري کي اپيل آهي ته اڳتي اچي ۽ معصوم انساني جانين کي اسرائيلي ۽ ڀارتي ظلمن کان بچائي.

بقايا *** 07

ڊيسيلينيشن پلانٽ شروع ڪرڻ لاءِ ان جو ڪامياب تجربو ڪيو ويو آهي. منوڙي آر او پلانٽ جي ڪامياب ٽيسٽ ڪانپوءِ وڏي وزير ناڻي کاتي کي هدايت ڪئي آهي ته باقي فنڊ جاري ڪيا وڃن ته جيئن ان کي هن مهيني جي آخر تائين افتتاح ڪري سگهجي. منوڙي بيٽ تي 427 ملين رپين جي لاڳت سان آر او پلانٽ اسڪيم 2016 ۾ شروع ڪئي وئي. پلانٽ 500,000 گيلن پاڻي جي گنجائش آهي ۽ ان اسڪيم کي مارچ 2018 ۾ مڪمل ٿيڻو هو. بريفنگ ۾ وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته آر او پلانٽ لاءِ بجلي جو ڪنيڪشن گهربل آهي. واٽر پري ٽريٽمينٽ پلانٽ ۽ ميمبرن جي انسٽاليشن التوا ۾ هئي. پينل روم تعمير ٿي چڪو آهي پر اڃا تائين اليڪٽرڪ پينل لڳائڻو آهي. براڻوزر لاءِ پاڻي ڀرڻ جا پوائنٽس ناهيا ويندا. سامونڊي پاڻي جي پائيپ لائين مان خام پاڻي گڏ ڪرڻ لاءِ نهيل هڪ سيپٽڪ ٽينڪ ڪشش ثقل جي ذريعي سامونڊي پاڻي گڏ ڪرڻ لاءِ سسٽم نصب ڪيو ويندو. جسٽس مقبول باقر باقي فنڊز جاري ڪرڻ لاءِ ضروري هدايتون جاري ڪيون ته جيئن رهيل ڪم کي جلد کان جلد مڪمل ڪري سگهجي. آر او پلانٽ منوڙي جي مختلف ڳوٺن/ وسندين کي پاڻي فراهم ڪندو. پروجيڪٽ کي اڳ ۾ ئي دير ٿي چڪي آهي: ان ڪري وڏي وزير ٽن هفتن ۾ ان جو افتتاح ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون آهن.

بقايا *** 08

۽ آرمي چيف طور اهو سندس پهريون آمريڪي دورو آهي. آءِ ايس پي آر ٻڌايو ته آرمي چيف آمريڪا جي دوري ۾ اعليٰ فوجي آفيسرن ۽ ٻين سرڪاري اختيارين سان ملاقاتون ڪندو.

بقايا *** 09

ن مرحلي ۾ جيل ڀريو تحريڪ جو اعلان ڪري ڇڏيو. ڳالهه حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي

ميزباني هيٺ حيدرآباد پريس ڪلب ۾ سنڌ جرنلسٽس ڪنوينشن ۾ سنڌ جي صحافين شرڪت ڪئي. احتجاجي تحريڪ جاري رکندي 19 تاريخ تي سڄي سنڌ ۾ مظاهرن، 23 ڊسمبر تي پريس ڪلب سامهون بک هڙتالون ۽ 6 جنوري تي سکر ۾ ڪنوينشن جو سڏ ڏيندي قاتلن جي گرفتار نه ٿيڻ جي صورت ۾ جيل ڀريو تحريڪ جو اعلان ڪيو ويو. ان موقعي تي پي ايف يو جي جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل ارشد انصاري صدارتي خطاب ڪندي چيو ته صحافين لاءِ پاڪستان ميڪسيڪو کان پوءِ دنيا جو ٻيو خطرناڪ ترين ملڪ آهي. هن چيو ته جان محمد مهر جي شهادت ڪانپوءِ سنڌ جي صحافين، قلمڪارن جنهن بهادري جو مظاهرو ڪيو. ماضي ۾ ڪڏهن به اهڙي جدوجهد نه ڏٺي وئي آهي. پر اسان کي اهو به ڏسڻو آهي ته جيڪڏهن اسان شهيد جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار نه ڪرائي سگهياسين ته ملڪ جو ڪو به صحافي محفوظ نه رهندو ۽ جيڪڏهن قاتلن کي سزا ملي ته پوءِ ڪو به جان محمد مهر جيان شهيد نه ٿيندو. هن چيو ته پاڪستان جي صحافين تي لازم آهي ته ان جي قاتلن جي گرفتاري تائين جدوجهد جاري رکن. هن چيو ته شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ هلندڙ جدوجهد دوران گرفتارين ڏيڻ جو فيصلو ٿيو ته سڀ کان پهريون هو گرفتاري پيش ڪندو ۽ حڪمران کي سمجهڻ گهرجي ته سنڌ جا صحافي ڊڄڻ وارا ناهن ۽ سنڌ جا جيل ڀرجي ويندا. هن چيو ته سنڌ ۾ سالن کان رينجرس موجود آهي. انهن کي ڪچي ۾ آپريشن لاءِ چو نه ٿو موڪليو وڃي. ڪچي ۾ آپريشن سان نه صرف ڏوهارين وٽ قيد ٻار عورتون ۽ مظلوم ماڻهو بازياب ٿيندا پر ڪيترائي قاتل به گرفتار ٿيندا. هن چيو ته قاتلن جي پٺڀرائي ڪندڙن کي به اهو سمجهڻ گهرجي ته جيڪڏهن جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ٿيا ته پوءِ توهان به ايوانن تائين پهچي نه سگهندا. اسان قاتلن جي پٺڀرائي ڪندڙن جي سامهون هونداسين. پي ايف يو جي جوڙيل سنڌ ايڪشن ڪميٽي جي ڪنوينر مظهر عباس چيو ته هي معاملو جان محمد مهر، عزيز ميمڻ يا ناظر جوکيو کي شهيد ڪرڻ جو معاملو نه آهي. هي سنڌ جي شعور کي قتل ڪرڻ جو معاملو آهي. هن چيو ته جڏهن به شعور جي ڳالهه ٿئي ٿي ته هتي پروفيسرن، شاعرن، سياسي ڪارڪنن ۽ صحافين کي قتل ڪيو وڃي ٿو. سنڌ سان تعلق رکندڙ هڪ وزيراعظم کي ڦاهي چاڙهيو ويو ته ٻئي وزير اعظم کي شهيد به ڪيو ويو هي جدوجهد صرف صحافين جي جدوجهد ناهي. هي مسئلي شعور ۽ شعور کي قتل ڪندڙ قوتن وچ ۾ آهي. هن شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ هلندڙ جدوجهد جي اڳئين مرحلي جو اعلان ڪندي چيو ته 19 ڊسمبر تي سنڌ جي هر ضلعي هر شهر جي پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا، 23 ڊسمبر تي بک هڙتال ۽ 6 جنوري تي سکر ۾ ڪنوينشن ڪرايو ويندو، جڏهن ته مرڪزي مجلس عاملاجي اجلاس ۾ گرفتاريون ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويندو. جنهن دوران گرفتاري ڏيندڙ صحافين جي فهرست جاري ڪئي ويندي. هن چيو ته حڪومت کي سمجهڻ گهرجي ته اسان جڏهن به گرفتاريون ڏيندا آهيون ته ضمانتون ناهيون ڪرائيندا ۽ گرفتاريون مرحليوار وزيراعليٰ هائوس اڳيان ڏنيون وينديون. پي ايف يو جي فائنانس سيڪريٽري لالا اسد پٺاڻ چيو ته سرڪار سمجهي ٿي ته پاڪستان ۾ 148 صحافين کي قتل ڪيو ويو، انهن لاءِ ڪجهه ڏينهن احتجاج بعد صحافي خاموش ٿي ويا ۽ هاڻي جان محمد مهر جي قتل ڪيس ۾ به ائين ٿي ويندو. پر سکر يونين آف جرنلسٽس ۽ سکر پريس ڪلب اصولي فيصلو ڪيو ته اسان جو احتجاج قاتلن جي گرفتاري تائين جاري رهندو ۽ ايچ يو جي ان کي وڌيڪ طاقتور بڻايو هي قلمي جنگ آهي. جاري رهندي. هن چيو ته ملڪ جي پهرين صحافي جي قتل وقت خاموشي جي سزا 148 صحافين سميت جان محمد مهر جي شهادت جي صورت ۾ ملي. هن چيو ته هيءَ تحريڪ جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري تائين ۽ ان کانپوءِ اظهار راءِ جي آزادي تائين جاري رهندي. پي ايف يو جي مرڪزي اڳواڻ خالد کوکر چيو ته سنڌ جا قلمڪار، ايچ آر سي پي، سول سوسائٽي، بار ايسوسيئيشن، اديبن ۽ شاعرن سميت سنڌ جو شعور هڪ پاسي آهي، جن جو سادو مطالبو آهي ته شهيد جان محمد مهر جي قاتل کي گرفتار ڪيو وڃي. هن چيو ته حڪومت وٽ سمورا ادارا موجود آهن، پوءِ ڏوهاري گرفتار چو نه ٿا ٿين. سنڌ حڪومت جي رٽ ڪٿي آهي. هن چيو ته صحافين کي پيغام ڏنو پيو وڃي ته ميڊيا جي آزادي، جمهوريت يا مظلومن جي حقن جي ڳالهه ڪندو ته توهان سان اهو حشر ٿيندو، جيڪو شهيد جان محمد مهر سان ٿيو آهي. حيدرآباد پريس ڪلب جي صدر لالا رحمان سمون چيو ته شهيد جان محمد مهر ته پاڪستان جي تاريخ ۾ پنهنجي رت جي شهادت جي عيوض هڪ اهڙي جدوجهد جي شروعات ڪئي آهي. جيڪا گذريل چئن مهينن کان سنڌ ۽ پاڪستان ۾ جاري آهي. هي جدوجهد رڪجي ناهي. يقينن شهيد جان محمد مهر جا قاتل گرفتار ٿيندا. هن چيو ته پي ايف يو جو فيصلو ڪيو آهي ته شهيد جان محمد مهر جي شهادت آخري شهادت آهي. هاڻي ڪنهن به صحافي جي شهادت قابل قبول نه هوندي. هن چيو ته هن جدوجهد جو نتيجو آهي جو پوري پاڪستان جا صحافي هڪ ٿي ويا آهن. هن نگران وڏي وزير کي مخاطب ٿيندي چيو ته جان محمد مهر ۽ توهان هڪ قبيلي جا ماڻهو آهيو. مشرف جي دور ۾ توهان تي به حملو ٿيو هو ۽ هاڻ جان محمد مهر تي. توهان ان حملي مان بچي ويا. پر جان محمد مهر شهادت ماڻي آهي. هن چيو ته ضياءَ جي آمريت کي للڪاريندڙ هي سنڌ جا صحافي آهن ۽ 4 ڪروڙ شعور رکندڙ سنڌ واسي جان محمد مهر جا وارث آهن. هي تحريڪ رڪندي نه. هن جدوجهد جو سفر سنڌ جي گهٽين سان گذرندي اسلام آباد پهچندو. حيدرآباد جي سينيئر صحافي علي حسن چيو ته پاڪستان ۾ حڪومت نالي ڪا شيءِ ڪونهي. اسان شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ هلندڙ هن جدوجهد ۾ نه صرف قاتلن جي گرفتاري جو مطالبو ٿا ڪريون پر ان سميت اسان پنهنجي تحفظ جو مطالبو به ڪيون پيا. هن چيو ته تحفظ اسان خريد نه ٿا ڪري سگهون. پر اسان کي پنهنجي تحفظ لاءِ جدوجهد ڪرڻي پوندي. پي ايف يو جي جي نائب صدر خورشيد عباسي چيو ته صحافتي شعبي ۾ شهادتون نصيب سان ملنديون آهن. پر ڪنهن به صورت ۾ اهو تسليم نه ڪيو ويندو ته اهڙي نموني سنڌ جي صحافين کي قتل ڪيو وڃي. هن چيو ته ڪچي جي علائقي کي علائقه غير ڏنو ويو آهي. جيڪو رياست لاءِ هڪ وڏو چئلينج آهي. ڪراچي يونين آف جرنلسٽس جي اڳواڻ امتياز فاران چيو ته اسان جي ليڊر شپ هن جدوجهد کي تحريڪ ۾ تبديل ڪيو آهي. هاڻي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري ۾ جيتري دير ٿيندي اسان جي صحافين جي وڌيڪ تربيت ٿيندي ۽ اسان جي جدوجهد وڌيڪ سگهاري ٿيندي. شهيد جان محمد مهر جي پيءُ ڪرم الله مهر چيو ته جان محمد جا قاتل آزاد آهن ۽ وڊيو پيغامن ذريعي ڌمڪيون پيا ڏين. هن چيو ته اسان پوليس کي به ٻڌايو آهي ته هو ڪٿي آهن. پر پوليس کين گرفتار نه ٿي ڪري. هن شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ صحافين جي هلندڙ جدوجهد ۽ سندن ساٿ تي ٿورا مڃيندي چيو ته جيستائين قاتل گرفتار نه ٿيندا احتجاج جاري رهندو. حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي صدر اقبال ملاح چيو ته جان محمد مهر جي شهادت هڪ صحافي جي شهادت ناهي، اها سنڌ جي شعور جي شهادت آهي. اها پاڪستان جي انهن ماڻهن جي شهادت آهي، جن ڪڏهن به ايوانن آڏو ڪنڌ ناهي جهڪايو. هن چيو ته شهيد جان محمد مهر جي قتل واري ڏينهن کان اسان سراپا احتجاج آهيون پر سنڌ حڪومت جي رويي ثابت ڪيو آهي ته هتي آئين ۽ قانون جي بالادستي ناهي. اسين جهڪڻ وارا ناهيون ۽ سهارا ٿيندا سين. سکر يونين آف جرنلسٽس جي صدر امداد بوزدار چيو ته هڪ قلمڪار کي هڪ سازش تحت شهيد ڪيو ويو، جنهن جا اڄ ڏينهن تائين قاتل گرفتار نه ٿيا آهن. هن چيو ته جان محمد مهر کي سيڪيورٽي زون ۾ ٽارگيٽ ڪري قتل ڪرڻ بعد قاتل خوشي مان فائرنگ ڪندي فرار ٿي ويا، پر پوليس اڃان تائين انهن کي گرفتار نه ڪري سگهي آهي. ان موقعي تي صحافي اڳواڻ زاهد قائمخاني، لياقت سردار، شهزاد، شاهد خاصخيلي، ايچ آر سي پي حيدرآباد جي اڳواڻ پروفيسر امداد چانڊيو، حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي سيڪريٽري جئه پرڪاش موراڻي، ارشاد چنا ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو.

بقايا *** 10

جي مارجڻ جي تصديق ڪندي ٻڌايو ته محمد مراد چاموٽ جي گاڏي تي سلطان ابراهيم روڊ تي حملو ٿيو پوليس اختيارين ٻڌايو ته ڌماڪو آءِ اي ڊي ذريعي ڪيو ويو، جنهن ۾ گاڏي مڪمل طور تباهه ٿي وئي ۽ محمد مراد چاموٽ شهيد ٿي ويو. جڏهن ته ٻه ڄڻا زخمي به ٿيا. جيڪي اسپتال ۾ علاج هيٺ آهن پوليس واقعي واري هنڌ پهچي شاهدين گڏ ڪري ورتيون ۽ واقعي جي حوالي سان جاچ شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 11

ترجمان ٻڌايو ته عملي پاور وين کي الڳ ڪري بوگين کي بچائي ورتو. جڏهن ته لاهور ريلوي جي امدادي ٽيم ڪاهه روانه ڪئي وئي. ترجمان موجب باهه لڳڻ جا ڪارڻ معلوم ناهن ٿي سگهيا. ٽرين ڪراچي کان لاهور وڃي رهي هئي، واقعي جي حوالي سان جاچ جاري آهي.

بقايا *** 12

ڪٽوتي لاڳو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي اهو فيصلو آڪٽوبر ۾ واپس ورتو ويو جنهن ڪانپوءِ صحت کاتي ان حوالي سان ناڻي کاتي کي خط لکيو. جڏهن ته صوبائي ڪابينا هاڻي پگهارن مان ڪٽوتي جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. 1 جنوري 2024ع کان، هيلٿ انشورنس پروگرام ۾ حصو وٺندڙ هر سرڪاري ملازم جي پگهار مان 4350 رپيا ساليانه ڪٽوتي ڪئي ويندي.

بقايا *** 13

سنڌ ورهائڻ جي ڳالهه ڪندڙن سان وڃي اتحاد ڪيو آهي، مراد علي شاهه اعجاز شاهه شيرازي جي ورسي تقريب کي خطاب ڪندي هن چيو ته قومپرستن جي ڊي اي جي صورت ۾ ڪراچي ۾

وگوڙ ڪندڙن ۽ سنڌ مخالفن سان وڃي اتحاد ڪيو. سپريم ڪورٽ مان اميد آهي ته اها پاڻ تي لڳل داغ ڌوئي صاف ڪندي، هن چيو ته اسان ۽ عوام شهيد ذوالفقار ڀٽو کي شهيد سمجهون ٿا هاڻي عدليه کي معاملو صاف ڪرڻ گهرجي. نگران حڪومت کي زمينون وڪڻڻ سميت ڪنهن به قسم جا اختيار حاصل نه آهن، مراد علي شاهه چيو ته پ پ اقتدار ۾ اچي عوامي طاقت مٿان بعد قانوني طريقي سان معاملا ڏسندي، ماضي ۾ مختلف لاڏلا سامهون آندا ويا، عوام اهو به ڏٺو ته 2018 ۾ هڪ فرد کي عوام مٿان مڙهيو ويو

بقايا *** 14

موجب اليڪشن ڪميشن چونڊ شيڊيول جاري ناهي ڪيو ۽ سوشل ميڊيا تي گردش ڪندڙ شيڊيول جعلي آهي. بيان ۾ چيو ويو ته چونڊ شيڊيول بابت ترجمان ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن جي به بيان تي ڌيان نه ڏنو وڃي. اليڪشن ڪميشن ترجمان چيو ته اهڙن بيانن کي اليڪشن ڪميشن جو پاليسي بيان نه سمجهيو وڃي. اليڪشن ڪميشن ۾ داخل درخواستن تي ڪا مشاورت ناهي ڪئي وئي.

بقايا *** 15

کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو، هن چيو ته اسان وٽ ٻن قسمن جا ماڻهو آهن هڪ اهي جيڪي ڌڪيل آهن ۽ ٻيا اهي جن کي دٻائي رکيو ويو آهي. هن چيو ته سنڌ حڪومت دٻيل طبقن جي حقن جي تحفظ ۽ انهن جي مدد لاءِ شاندار قانون سازي لاءِ اڳڀرائي ڪئي آهي، هڪ سوال جي جواب ۾ سنڌ جي اطلاعات کاتي واري نگران وزير محمد احمد شاهه ٻڌايو ته سنڌ ۾ ٻوڏ دوران جيترا به اسڪول تباهه ٿيا هئا انهن جي مرمت لاءِ سنڌ حڪومت پاران فنڊ جاري ڪيا ويا آهن. ان موقعي تي ڪراچي ۾ جرمني جي ڪائونسل جنرل Dr. Ruediger Lotz، سينيٽر تاج حيدر، سنڌ هيومن رائيٽس جي چيئرپرسن اقبال احمد ڏيٿو، سنڌ جي ليبر کاتي وارو سيڪريٽري شارڪ احمد، ڊي آءِ جي ٽريننگ سنڌ پوليس فيض الله ڪوريجو، آءِ ايل او (ILO)پاڪستان جو صغير بخاري، يونيسيف جي مهوش، محترمه ردا طاهر، حبيب الدين جنيدي، عبدالله دايو FRIEDRICH_EBERT ۽ FES .(STIFTUNG) PAKISTANجي ڪنٽري ڊائريڪٽر Dr. NEILS HEGEWISCHپڻ خطاب ڪيو مقررين ان ڳالهه تي زور پريو ته محض آءِ ايل او جي ڪنوينشنس تي عملدرآمد ڪرڻ ۽ ان جي تعميل ۾ قانون سازي ڪرڻ سان چائلڊ ليبر کي ختم ڪرڻ مشڪل آهي. چائلڊ ليبر کي ختم ڪرڻ لاءِ غربت کي ختم ڪرڻ ۽ معيشت کي مستحڪم ڪرڻو پوندو، مقررين چيو ته مزدور چاهي اهو گهر ۾ ڪم ڪندڙ هجي يا ڪارخاني ۾ هن جي گهٽ ۾ گهٽ عمر بين الاقوامي ڪنوينشن موجب 18 سال هجڻ گهرجي. تقريب جي پهرئين سيشن ۾ سياسي جماعتن جي نمائندن سان گڏ ليبر مينيفيسٽو تي گول ميز ڪانفرنس به منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ مختلف سياسي جماعتن ۽ محنت ڪشن جي تنظيمن جي نمائندن پڻ شرڪت ڪئي ۽ مڪالمي ۾ حصو ورتو. تقريب جو اهتمام سنڌ هيومن رائيٽس ڪميشن ايف اي ايس پاڪستان "FES PAKISTAN"جي سهڪار سان ڪيو هو.

بقايا *** 16

جو جائزو وٺڻ لاءِ ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جي مرڪزي آفيس ڪارساز جو دورو ڪيو. آمريڪي قونصل جنرل جي وفد جي نمائندگي سينيئر انٽرنيشنل واٽر پاليسي جي صلاحڪار يو ايس ڊپارٽمينٽ آف اسٽيٽ ڊاڪٽر ربيڪا پيئرس، سينيئر فارن افيئر آفيسر بيورو آف سائوٿ اينڊ سينٽرل ايشين افيئرز وليد هاشمي ۽ اقتصاديات جو ماهر قسم سعيد ڪري رهيا هئا. وفد کي مئنيجنگ ڊائريڪٽر / سي اي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر سيد صلاح الدين احمد هڪ تفصيلي بريفنگ پڻ ڏني. ان موقعي تي چيف آپريٽنگ آفيسر انجنيئر اسدالله خان اير ڊي سيڪريٽريٽ ڪارساز ۾ سائنس گڏ هو. مئنيجنگ ڊائريڪٽر / سي اي او واٽر ڪارپوريشن وفد کي ايندڙ سالن ۾ ڪارپوريشن جي تازي سڌارن، بحالي ۽ ويزن بابت آگاهه ڪيو. دوري جي دوران وفد پاران واٽر ڪارپوريشن جي تازو قائم ڪيل هائيڊرينٽ مئنيجمينٽ اينڊ مانيٽرنگ سينٽر جو پڻ دورو ڪيو. ترجمان واٽر ڪارپوريشن موجب ٻنهي ڌرين وچ ۾ ملاقات جو اصل مقصد گڏيل دلچسپي جي موقعن کي ڳولا ڪرڻ هو. ملاقات دوران واٽر ڪارپوريشن پاران ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ سيڪيورٽي جي حوالي سان ڪيل تازين انتظامن تي ۽ تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو. ان کان علاوه گڏيل دلچسپي جي شعبن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي جن ۾ تحرين جي مٽا سٽا، سرسبز ماحول جي شروعات، ٽيڪنيڪل صلاحيت ۾ واڌ، پاڻي جي شعبي ۾ آمريڪي ڪمپنين کي شامل ڪرڻ جي ارادي تي پڻ ڏي وٺ ڪئي وئي، ان موقعي تي آمريڪي وفد پاران واٽر ڪارپوريشن کي جديد ذميوار ۽ خدمت تي ٻڌل افاديت ۾ تبديل ڪرڻ جي لاءِ ٺوس قدم کڻڻ تي سي اي او واٽر ڪارپوريشن جي ڪوشش کي ساراهيندي

هائيڊرينٽ مئنيجمينٽ اينڊ مانيٽرنگ سينٽر جي قيام سميت بي مثال آپريشن ڪرڻ تي ۽ پاڻي جي غير قانوني ڪنيڪشنن خلاف ڪارروائيون ڪرڻ تي سندس ساراهه ڪئي. ان کان علاوه وفد پاران اداري ۾ پاڻي جي جديد فعال نظام سپروائيزري ڪنٽرول ۽ ڊيٽا (SCADA) سسٽم حاصل ڪرڻ بابت پڻ ڄاڻ حاصل ڪئي ۽ ويسٽ واٽر پلانٽ ۽ ريسائڪلنگ جي منصوبن جي موقعن کي ڳولا ۾ دلچسپي جو اظهار ڪيو ۽ مستقبل ۾ واٽر ڪارپوريشن سان ڀرپور تعاون ڪرڻ يقين ڏياريو

بقايا *** 17

اسان انصاف ڏنو پيو وڃي، سزا ڏئي ڇيو ويو رائمر منسٽر هائوس خالي ڪيو هن چيو ته انتقام وٺندڙ انڌا ٿي ويا هئا، اسان کي ڪڍڻ ڪانپوءِ ملڪ جي ڪهڙي ڀلائي ٿي؟ نواز شريف لاڏلو نه هو. ان ڪري ڪيس سزاڏني وئي. سندس چوڻ هو ته آئين ۽ قانون جي بالادستي تي سوديبازي نه ٿيندي. ووٽ کي عزت ڏيڻ جو مقصد عوام جون ترجيحون آهن.

بقايا *** 18

آهي. ان ڪانپوءِ ٺيڪو ڏيڻ ۽ ڪانٽريڪٽ ڪرڻ جو شعبو ۽ پوءِ عدليا آهي. تعليم ۽ صحت جا شعبا ڪرپشن ۾ ترتيب وار چوٿين ۽ پنجين نمبر تي آهي. مقامي حڪومتون، لينڊ ايڊمنسٽريشن اينڊ ڪسٽمز، ايڪسائيز انڪم ٽيڪس ترتيب وار ڇهين، ستين ۽ اٺين نمبر تي آهي. پبلڪ سروس ڊليوري جي ٽرمز موجب عدليا ۾ رشوت جو سراسري خرچ سڀ کان وڌيڪ 25 هزار 846 رپيا آهي. رپورٽ ۾ دعويٰ ڪئي وئي آهي ته خيبر پختونخواهه ۾ سراسري رشوت سڀ کان وڌيڪ هئي ۽ اها هڪ لک 62 هزار رپين تائين هئي. پنجاب ۾ سراسري طور شهري وڌ کان وڌ رشوت 21 هزار 186 رپيا ادا ڪئي ۽ اها به پوليس کي ڏني. جڏهن ته بلوچستان ۾ صحت جي سهولتن لاءِ وڌ کان وڌ سراسري رشوت ڏني وئي. جيڪا هڪ لک 60 هزار رپيا هئا.

بقايا *** 19

۾ مسلسل ٻي ڪاميابي ماڻي ورتي دبئي ۾ جاري اي سي سي انڊر 19 ڪرڪيٽ ايشيا ڪپ ۾ اڄ ڏينهن ٿيل مقابلي ۾ پاڪستان ٽاس کٽي ڀارت کي اڳ ۾ بيٽنگ جي دعوت ڏني. ڀارتي ٽيم مقرر 50 اوورن ۾ 9 وڪيٽن جي نقصان تي 259 رنسون ناهيون. ادرش سنگهه 62، ادي شرڻ 60 ۽ سچن ڌاس 58 رنسن جي اننگز طرفان محمد ذيشان شاندار بالنگ ڪندي 4 وڪيٽون ورتيون. جڏهن ته عامر حسين ۽ عبيد شاهه 2_2 وڪيٽون حاصل ڪيون. پاڪستان ٽيم گهربل هدف 47 اوورن ۾ ٻن وڪيٽن جي نقصان تي آساني سان پورو ڪري ورتو. گرين شرٽس طرفان اذان اويس جي شاندار سينچري ۽ ڪپتان سعد بيگ جي 66 رنسن جي اننگز ٽيم جي ڪاميابي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. اذان اويس 105 ۽ سعد بيگ 68 رنسن جي ناقابل شڪست اننگز کيڏي.

بقايا *** 20

2 سئو روپين ۾ وڪرو ٿي رهي آهي. زرعي پاڻ جي پيدا ٿيل کوٽ سبب ڪڻڪ جي پوکيءَ ۾ آبادگارن کي مشڪلاتون پيش اچي رهيون آهن. ڇاڪاڻ ته پنجاب ۾ 15 ڊسمبر تائين ڪڻڪ جي پوکي ڪئي ويندي آهي ۽ ان فصل کي 15 هين ڏينهن پاڻي ڏنو ويندو آهي. جنهن لاءِ زرعي پاڻ لازم آهي پر زرعي پاڻ دستياب ناهي ان ڏس ۾ پنجاب حڪومت دعويٰ ڪئي هئي ته گذريل سالن جي ڀيٽ ۾ هن سال ڪڻڪ جي پيداوار وڌائي نه صرف ڪڻڪ جي اپت وڌائي ويندي پر ڪڻڪ ايڪسپورٽ پڻ ڪئي ويندي پر اها دعويٰ ڪوڙي ثابت ٿيڻ واري آهي. ان ڏس ۾ پنجاب جي آبادگارن جو چوڻ آهي ته يوريا جي جيڪا پوري 3 هزار 750 روپين ۾ ملندي هئي اها مهانگي ٿي هاڻي 5200 روپين ۾ جي ٿي وئي آهي جڏهن ته ڊي اي پي جي اگهه ۾ پڻ رڪارڊ واڌ ڪئي وئي آهي. آبادگارن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن اها ئي صورتحال برقرار رهي ته ڪڻڪ جي پوکي متاثر ٿيندي جنهنڪري هن سال ڪڻڪ جي اپت گهٽ ٿيندي ۽ صوبي ۾ ڪڻڪ جو بحران پيدا ٿي ويندو.

بقايا *** 21

جي حوالي سان جاري ڪيل تازو ترين مانيٽر ظاهر ڪري ٿو ته نومبر 2022 کان هيل تائين نصابي ڪتابن جي اگهه ۾ 94.7 سيڪڙو واڌ ٿي چڪي آهي. پبلشنگ هائوسز جو موقف آهي ته گذريل سال ڊالر جي اگهه ۾ وڏي واڌ سبب ڪاغذ جي درآمد تمام گهڻي مهانگي ٿي وئي آهي. پر مارڪيٽ ۾ درآمد ٿيل نصابي ڪتابن سان ڀريل آهي. چو ته تقريبن سمورا نجي اسڪول مقامي طور شايع ٿيندڙ ڪتابن بدران ڪتابن بدران مهانگن درآمدي ڪتابن کي ترجيح ڏيندا آهن. هڪ سرڪاري رپورٽ موجب ٻه ڪروڙ کان وڌيڪ ٻار اسڪول ناهن ويندا ۽ ڪتابن جي اگهن ۾ واڌ ان انگ ۾ واڌ جو سبب بڻجي سگهي ٿي.

بقايا *** 22

۾ گهرائي اهو چيو ته شاهدي ڏيو ته مان ڪڏهن به ايئن نه ڪندس خانگي ٽي وي موجب تحريڪ انصاف ڪابينه جو حصو رهندڙ اڳوڻي وزير هڪ

تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته مون کي نيب به نوٽيس موڪليا ۽ طلب ڪيو جنهن تي مان نيب آفيس ويس اتي مون کان القادر ٽرسٽ ڪيس جي حوالي سان سوال ڪيا ويا مان اهو ٻڌايو جيڪو ڪابينه ۾ ٿيو هو اڳوڻي وفاقي وزير جيوت ۽ چيو پيو وڃي ته نديم افضل چن اڳوڻي پي ٽي آءِ چيئرمين جي خلاف شاهدي ڏيندو مان وضاحت ڪرڻ چاهيان ٿو ته منهنجي تربيت اهڙي ناهي ٿي جو مان قيدين ۽ مظلومن تي ڳالهايان مون کي ڪوئي چوي ته عدالت ۾ اچي شاهدي ڏيو ته مان ان لاءِ ڪڏهن به تيار نه آهيان نديم افضل چيو ته مان ان وقت به عمران خان کي چوندو هيس ته شهزاد اڪبر هڪ فراڊي شخص آهي جيڪو ترڪي ماراٿينڊر پراڄ اڳوڻو پي ٽي آءِ چيئرمين جيل ۾ آهي ته منهنجو ضمير نٿو چيو ته مان ڪنهن قيدي جي خلاف ڳالهه ڪريان.

بقايا *** 23

طور تي تشدد ڪري قتل ڪيو ويو تفصيل مطابق ڪورنگي صنعتي ايريا ٿاڻي جي علائقي ڪورنگي مهراڻ ٽائون سيڪٽر 6 عمرين خطاب مسجد ويجهو ڊي گهر نمبر ايم ڊي 53 مان عورت جو لاش مليو آهي جنهن کي مبينه طور تي تشدد ڪري قتل ڪيو ويو عورت جو لاش قانوني ڪارروائي لاءِ پرائيويٽ طور تي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو عورت جي سڃاڻپ 18 ورهين جي روما زال سليم جي نالي سان ٿي آهي رابطو ڪرڻ تي ايس ايڇ او ڪورنگي عبيدالله ٻڌايو ته پوليس جي عورت جي مامي سان موبائيل فون تي ڳالهه ٻولهه ٿي آهي ۽ مامي پوليس کي ٻڌايو ته رات جو روما سان ان جي ڳالهه ٻولهه ٿي هئي ۽ اها بلڪل ٺيڪ هئي پر اڄ ٿي منجهند پتو پيو ته ان جي طبيعت خراب ٿي آهي جنهن کي ويجهي اسپتال پهچايو ويو جتي هو فوت ٿي وئي ايس ايڇ او ٻڌايو ته اسپتال مان اطلاع ملڻ تي ڊيوٽي آفيسر کي اسپتال روانو ڪيو ويو آهي ڊيوٽي آفيسر اسپتال پهچي سمورو تفصيل گڏ ڪندو جنهن کان پوءِ ئي حقيقتون سامهون اينديون هن ٻڌايو ته في الحال موت جو ڪارڻ معلوم ناهي ٿي سگهيو پوليس ان حوالي سان وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي.

بقايا *** 24

سال ڊينگي جا 6 هزار 814 ڪيس سامهون آيا آهن علي جان خان ٻڌايو ته لاهور ۾ ڊينگي جا 32، گوجرانوالا ۾ 4 ۽ ملتان ۾ 4 ڪيس سامهون آيا آهن سيڪريٽري صحت ٻڌايو ته فيصل آباد ۾ ڊينگي جا 6، اوڪاڙه ۾ 2 ۽ سيالڪوٽ، بهاولپور، گجرات ۽ بهاولنگر ۾ هڪ هڪ ڪيس سامهون آيو آهي هن وڌيڪ چيو ته پنجاب جي اسپتالن ۾ ڊينگي جا 44 مريض علاج هيٺ آهن.

بقايا *** 25

جي ٽيم واقعي واري هنڌ پهچي وئي، پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي جي جاچ شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 26

علائقن ۾ چونڊون ملتوي ڪرڻ جي تجويز ڏيندي چيو ته انهن تڪن ۾ بعد ۾ ضمني چونڊ ڪرائي سگهجي ٿي خانگي ٽي وي کي ڏنل انٽرويو عبدالقادر بلوچ چيو ته چونڊون مڪمل طور تي ملتوي ڪرڻ بدران حساس علائقن ۾ چونڊون موخر ڪرڻ وڌيڪ مناسب آهي هن زور ڏئي چيو ته 6 يا 7 سيٽن تي سيڪيورٽي خدشن سبب سڄي ملڪ ۾ چونڊون نه ڪرائي جمهوريت کي ڊي ريل ڪرڻ مناسب نه ٿيندو هن چيو ته خيبرپختونخواهه وانگر بلوچستان کي به ڪالعدم تحريڪ طالبان پاڪستان مان خطرو آهي عبدالقادر بلوچ چيو ته بلوچستان ۾ تحريڪ طالبان پاڪستان جا حملا بلوچ علحيدگي پسندن جي حملن کان وڌيڪ گهڻا آهن، قلات، مستونگ ۽ ڀرپاسي جي علائقي ۾ اڪثر بندش پيل تحريڪ طالبان پاران ٽارگيٽ بڻايو وڃي ٿو هن چيو ته خطرا ته بلڪل موجود آهن علحيدگي پسند عنصر پارلياماني سياست تي يقين نٿا رکن هي عنصر صوبي ۾ چونڊ مهم ۾ رنڊڪون وجهي رهيا آهن پي پي اڳواڻ چيو ته نگران گهرو وزير سرفراز بگٽي کي ميڊيا تي اچي مولانا فضل الرحمان کي پيش ايندڙ سيڪيورٽي خدشن جو ذڪر نه ڪرڻ گهرجي ها ان بدران هو ان سان سڌي سنئين ان بابت ڳالهه ڪري ها هن چيو ته حڪومت کي خطرن جو احساس ڪندي ملڪ ۾ سياستدانن جي تحفظ لاءِ ڪارروائي ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي ذميواري پوري ڪرڻ گهرجي.

بقايا *** 27

جو بدترين بحران پيدا ٿي ويو آهي. شهر جي اڪثر علائقن تائين خوراڪ ۽ ٻي امداد جي رسائي ناممڪن بڻيل آهي خوراڪ جي عالمي اداري جو چوڻ آهي ته غزه جا 36 سيڪڙو خاندان فاقا ڪاٽڻ لاءِ مجبور آهن. متاثر خاندانن تي جلد خوراڪ پهچائڻ جي اپيل ڪئي وئي آهي شهيد ٿيل فلسطينين جو انگ 18 هزار کان وڌي ويو. اسرائيلي چڪرين دوران 2 آفيسرن سميت 4 اسرائيلي فوجين جي مارجي وڃڻ جي تصديق ڪري ڇڏي آهي.

بقايا *** 28

اعجاز قادري سان ملاقات ڪئي، صحافين سان ڳالهائيندي فاروق ستار چيو ته ملڪ ۾ مهانگائي حد کان وڌي وئي آهي. نوجوان اعليٰ ڊگريون رکڻ

باوجود بائيڪ رائيڊر ٻڌيل آهن. هن چيو ڪراچي هلندر آهي ته سڄو پاڪستان هلندر آهي. ڪراچي شهر ملڪ کي 4 هزار ارب روپين جو ٽيڪس ڏيندو آهي. سندس چوڻ هو ته اسان هڪ وڏو اتحاد ۽ وڏي تحريڪ قائم ڪري رهيا آهيون. موروثي سياست ذريعي قبضو ڪندڙن جو خاتمو ڪنداسين. ڪراچي تي جن قبضو ڄمائڻ جي ڪوشش ڪئي، انهن کي ناڪام ڪرڻو آهي.

بقايا *** 29

حوالي ڪري ڇڏيو ۽ ڪيس سڀاڻي لاڳاپيل عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو عدالت ۾ پيشي جي موقعي تي ڳالهائيندي فواد چوڌري چيو ته سپريم ڪورٽ ۾ ڪيس لڳرائڻ لاءِ مرڻو پوندو هن چيو انتظار ڪري رهيا آهيون ته ڪڏهن ٿا مرون ۽ ڪيس ٿو لڳي، ڪوڙا ڪيس ڀوڳي رهيو آهيان، هڪ ختم ٿو ٿئي ته ٻيو ٺهي ٿو وڃي.

بقايا *** 30

مقتل گاهه بڻايو سراج الحق جي بيان تي ردعمل ڏيندي هن چيو ته جماعت اسلامي هميشه آمرن جي تابعداري ڪئي آهي ضياءَ آمريت ۾ جماعت اسلامي تعليمي ادارن کي مقتل گاهه بڻايو وقار مهدي چيو ته جماعت اسلامي جي نام نهاد جهاد دهشتگردي جي نرسرين کي ريج ڏنو جماعت اسلامي جهاد جي نالي تي نوجوانن کي گمراهه ڪيو هاڻي مذهب جي نالي تي فتنو ۽ فساد ڪرائڻ جو زمانو گذري چڪو آهي سينيٽر وقار مهدي چيو ته جماعت اسلامي هميشه آمرن جي مخبر رهي آهي هن چيو ته قوم 1977 کان وٺي 1988 تائين جمهوريت پسندن کي ڦاهين ۽ ڪوڙن جي صورت ۾ جماعت اسلامي جو اصل چهرو ڏسي ورتو هو وقار مهدي چيو ته پيپلزپارٽي هميشه عوام جي ووٽ سان اقتدار ۾ آئي آهي پيپلزپارٽي ڪڏهن به اقتدار ۾ اچڻ لاءِ ڪنهن جو ڪلهو ۽ چتي استعمال نه ڪئي اهي هن چيو ته پيپلزپارٽي هميشه اقتدار ۾ اچي ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪئي آهي هن چيو ته جماعت اسلامي آمرن سان گڏجي ڪري ڪراچي جي ميئر شپ ۽ نظامت حاصل ڪئي سينيٽر وقار مهدي چيو ته 8 فيبروري جي اليڪشن ۾ به پيپلزپارٽي واضح اڪثريت سان ڪاميابي ماڻيندي هن چيو ته بلاول ڀٽو زرداري هن ملڪ جو وزيراعظم ٿيندو.

بقايا *** 31

سروي جي رپورٽ جاري ڪري ڇڏي آهي پي ٽي اي ترجمان موجب سروي خيبرپختونخواهه، پنجاب، سنڌ ۽ گلگت بلتستان جي 17 شهرن ۾ ڪئي وئي، سروي دوران انهن علائقن ۾ موبائيل فون جي آواز، نيٽ ورڪ ڪوريج، ايس ايم ايس ۽ براڊ بينڊ ۽ ڊيٽا سروسز جي معيار کي جاچيو ويو ترجمان موجب سروي دوران موبائيل فون آپريٽرز جي اپ لوڊ ۽ ڊائون لوڊنگ جي رفتار معيار جي مطابق جاچي وئي، گذريل سروي جي مقابلي ۾، نيٽ ورڪ ۽ ويب پيج جي لوڊنگ جي وقت ۾ ڪافي بهتري ڏٺي وئي. جڏهن ته ڪجهه علائقن ۾ موبائيل فونن تي آواز جي معيار کي لائسنس ۾ بيان ڪيل معيار کان گهٽ ڏٺو ويو پي ٽي اي ترجمان موجب موبائيل فون آپريٽرز کي هدايت ڪئي وئي آهي ته اهي لائسنس جي معيار موجب خدمتن کي وڌيڪ بهتر ڪن.

بقايا *** 32

رند کي ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسائڻ جي مذمت ڪندي ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي گهوٽڪي کان مطالبو ڪيو آهي ته هو معاملي جو نوٽيس وٺي جاچ ڪن ۽ ڪوڙي ڪيس مان نالو خارج ڪيو وڃي، غلام علي رند جيڪو پنهنجي برادري جو چڱو مڙس به آهي، ان علي رضا رند جي حق ۾ شاهدي ڏني هئي. صحافين جو چوڻ آهي ته ڊي ايس پي غلام علي جي مخالف ڌر کان ڳري رشوت عيوض هاءِ ڪورٽ جي انڪوائري ۾ ڪيس ملزم ڄاڻايو آهي. ياد رهي ته غلام علي ٽاڙو گهوٽڪي ۾ ڌاڙيلن خلاف آپريشن دوران پوليس جي ڌاڙيلن سان رابطي ۾ رهندڙ پوليس اهلڪارن کي بينقاب ڪرڻ بابت خبرون به هلايون هيون.

بقايا *** 33

سال ڊينگي جا 6 هزار 814 ڪيس سامهون آيا آهن علي جان خان ٻڌايو ته لاهور ۾ ڊينگي جا 32، گوجرانوالا ۾ 4 ۽ ملتان ۾ 4 ڪيس سامهون آيا آهن سيڪريٽري صحت ٻڌايو ته فيصل آباد ۾ ڊينگي جا 6، اوڪاڙه ۾ 2 ۽ سيالڪوٽ، بهاولپور، گجرات ۽ بهاولنگر ۾ هڪ هڪ ڪيس سامهون آيو آهي هن وڌيڪ چيو ته پنجاب جي اسپتالن ۾ ڊينگي جا 44 مريض علاج هيٺ آهن.

بقايا *** 34

سال ڊينگي جا 6 هزار 814 ڪيس سامهون آيا آهن علي جان خان ٻڌايو ته لاهور ۾ ڊينگي جا 32، گوجرانوالا ۾ 4 ۽ ملتان ۾ 4 ڪيس سامهون آيا آهن سيڪريٽري صحت ٻڌايو ته فيصل آباد ۾ ڊينگي جا 6، اوڪاڙه ۾ 2 ۽ سيالڪوٽ، بهاولپور، گجرات ۽ بهاولنگر ۾ هڪ هڪ ڪيس سامهون آيو آهي هن وڌيڪ چيو ته پنجاب جي اسپتالن ۾ ڊينگي جا 44 مريض علاج هيٺ آهن.

بقايا سنڌيار 01

جي بچت ٿي :فياض حسين قريشي نيب سکر پاران بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ هيروز ۾ 2023 جا ايوارڊ ورهايا. سکر قومي احتساب بيورو سکر ريجن پاران ڪرپشن خلاف جدوجهد ڪندڙ نيب ملازمن ۽ آگاهي مهم جي مقابلن ۾ پوزيشنون ماڻيندڙ شاگردن ۽ شاگرديائين ۾ هيروز 2023 ع جا ايوارڊ ۽ مجتا سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا. ان موقعي تي نيب ريجنل آفيس سکر پاران آئي بي اي يونيورسٽي سکر ۾ پروقار تقريب ٿي جنهن ۾ مهمان خاص ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي ۽ ڊائريڪٽر نيب فياض حسين قريشي 9 ڊسمبر اينٽي ڪرپشن ڏهاڙي جي موقعي تي تعليمي ادارن ۾ منعقد ڪرايل تقريري، مضمون نگاري ۽ پوسٽر پينٽنگ مقابلن ۾ پوزيشنون ماڻيندڙ شاگردن ۽ شاگرديائين ۾ هيرو 2023 ع جا ايوارڊ ۽ مجتا سرٽيفڪيٽ ورهايا. تقريب ۾ نيب سان واڳيل مختلف ڊائريڪٽرز، مختلف ادارن جي آفيسرن توڙي شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي نيب سکر ايوارڊ تقريب کي خطاب ڪندي ڊائريڪٽر جنرل نيب هيڊڪوارٽر فياض حسين قريشي چيو ته پاڪستان جي قيام وقت قائداعظم محمد علي جناح چيو هو ته ڪرپشن معاشري لاءِ اڏوهي آهي ان جي نظريي تي عمل ڪندي نيب ملڪ مان ڪرپشن جي خاتمي لاءِ جاکوڙي رهي آهي ۽ ڪرپشن ذريعي لٽيل دولت نيب پاران واپس ڪرائي پئي وڃي. هن چيو ته ڪنهن جي کيسي ۾ ويل رقم واپس ڪرائڻ وڏو ڏکيو ڪم آهي جنهن کي نڀائڻ لاءِ نيب جا آفيسر چيئرمين کان وٺي نائب قاصد تائين پنهنجي محنت ڪري رهيا آهن هن چيو ته تقريرون ٻڌڻ مان لڳي ٿو ته سنڌ جي ٻارڙن ۾ قومي جذبو ۽ صلاحيتون موجود آهن. ڊائريڪٽر نيب سکر چيو ته نيب سکر مختصر عرصي دوران قومي خزاني مان ڪرپشن ڪندڙ مختلف کاتن جي آفيسرن کان رقم واپس ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. هن وڌيڪ چيو ته نيب سکر جي ڪوشش سان سکر، لاڙڪاڻو ۽ نوابشاهه ڊويزن اندر ٻيلن جي زمينن تان قبضا ختم ڪرائي زمينون فاريسٽ کاتي کي واپس ڏنيون ويون آهن جنهن سان تقريبن 13120 ملين جي بچت ٿي آهي هن وڌيڪ چيو ته نيب سکر کي 17788 درخواستون موصول ٿيون جن مان صرف 17764 درخواستون اڪلايون ويون آهن. ان موقعي تي مهمان خاص ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي سيمينار کي خطاب ڪندي چيو ته .ڪرپشن ختم ڪرڻ ۾ ميڊيا ۽ سول سوسائٽي جو اهم ڪردار آهي. جڏهن هر شهري، کي ملڪ جي بقا لاءِ سوچڻو پوندو. اسان کي گهرجي ته سڀ کان پهريان پنهنجي معاشري کي سڌاريون جيسيتائين معاشرو نه سڌرندو تيسائين اسان جي ملڪ مان ڪرپشن جو خاتمو نٿو ٿي سگهي. تقريب ۾ نيب جي آفيسرن سان گڏ ميئر سکر، ڪمشنر سکر ڊويزن، وائيس چانسلر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خطاب ڪيو ان کان اڳ قومي احتساب بيورو سکر ريجن آفيس کان آئي بي اي يونيورسٽي تائين هڪ آگاهي ريلي پڻ ڪڍي وئي.

بقايا سنڌيار 02

جو امڪاني خاطو نامنظور، صحت ڪارڊ، سن ڪوٽا، حاضر سروس ۽ رٽائرڊ ملازمن جي پگهارن ۽ پينشن ۾ هڪ جيترو واڌارو هئڻ سميت مطالبا پيش ڪيا اجلاس ۾ ضلعي شڪارپور جي اڳواڻن غلام حسين پٺاڻ، عبدالحميد پرچونڊ، غازي سڪندر پٺو سيد محمد تقي شاهه،سلطان لاشاري ۽ ٻين جو چوڻ هو ته سنڌ جي رٽائرڊ ملازمن کي گروپ انشورنس ڏنو وڃي جڏهن ته گروپ انشورنس جي رقم اسان جي سيلري مان ڪٽي رئي آهي بلوچستان ۽ ڪي پي ڪي ۾ گروپ انشورنس ڏنو وڃي ٿو هن چيو ته صحت ڪارڊ اسان جو بنيادي مسئلو آهي اسان بزرگ شهري هن عمر جي حصي ۾ اڪثر بيمار آهيون اسان سينيئر سٽيزن کي صحت ڪارڊ اشو ڪيا وڃن هنن وڌيڪ چيو ته هن مهنگائي جي دور ۾ زندگي جو ڪارنهوار هلائڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي ويو آهي گهر جو چلهو ٻارڻ لاءِ اسان جي اهل ۽ لائق اولاد کي سرڪاري نوڪري ڏني وڃي ۽ پينشن نه بر ڪرپشن ختم ڪئي وڃي هنن چيو ته جيڪڏهن اسان جا مطالبا منظور نه ڪيا ويا ته مرڪز جي حڪم ته اسين مجبورن روڊن تي نڪري احتجاج ڪنداسي اجلاس بعد رٽائرڊ استادن آيل مرڪزي اڳواڻن سان گڏ اسڪول جي احاطي ۾ پينفليڪس کڻي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

بقايا سنڌيار 03

۽ مڙس جي ملڪيت ۽ زمين مان حصو گهرڻ تان مرتمار ڌمڪيون ڏيڻ تا ايس ايس پي نوشهروفيروز کان درخواست ولي ڦاٽي تي پهتي آهيان ته ڦاٽي جو وڏو منشي شفيع محمد ملاح جيڪو منهنجي ڏيرن جي ڊربيل آهي اهو هڏي ٿي ڪونه ٿو فوري طور انصاف ڏيڻ جو مطالبو تفصيل موجب ڦل پرسان ڳوٺ پير بخش ڪوسو واسي بيواهه عورت زاهدان ڪوسو زال مرحوم محرم ڪوسو پنهنجي پٽ اياز ڪوسو ۽ معصوم نياڻي سان ڪري ڦل پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي چيو ته ڪجه سال اڳ منهنجو مڙس وفات ڪري ويو آهي جنهن کان پوءِ منهنجي ڏيرن ڪيهر ڪوسو، پير بخش ڪوسو، وزير علي ڪوسو، شريف ڪوسو، سليم ڪوسو ۽ نظير ڪوسو منهنجي ۽ منهنجي پٽن، نياڻين جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي مان پنهنجي مڙس جي ملڪيت ۽ زمين مان حصو گهرڻ تي مون کي ۽ منهنجي پٽ کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ته توکي ڪجه به نه ڏينداسين ۽ اسان توکي ماري ڇڏينداسين هن وڌيڪ چيو ته اسان ايس ايس پي نوشهروفيروز وٽ ويا هئاسين ان درخواست ڏني چيو ڦل ٿاڻي تي پهچو توهان کي انصاف ملندو پر اسان ڦل ٿاڻي تي آياسين ته شفيع محمد ملاح مون کي ڌمڪيون ڏئي واپس ڪري ڇڏي ته اگر مون کي ۽ منهنجي پٽن کي ڪو به نقصان پهتو ته ان جا ذميوار مٿي ڄاڻايل ڏيرَ ۽ انتظاميه هوندي متاثر بيواهه عورت هاءِ ڪورٽ سنڌ، وزيراعلي سنڌ، ڊي آءِ جي شهيد بينظيرآباد، ۽ ايس ايس پي نوشهروفيروز کان مطالبو ڪندي چيو ته فوري طور مون کي انصاف ڏياريو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 04

سگا پاٽ شريف جي صدر گلزار ڪلهوڙو، صدام حسين چنڊ، اظهار علي ڪلهوڙو، محمد بخش منان چنا، امام الدين ملاح، محمد بچل سومرو، تيمور علي جوڻيجو، اشرفي حاڪم علي پتوجو، علي گوهر چنا، عبدالحميد چانڊيو، ذاڪر علي چنڊ. فراز جوڻيجو، غفار علي ڪلهوڙو، روشن علي چنڊ، سيد ظهير شاهه، وقار علي ملاح، غفار علي سومرو، امجد علي ملاح، علي رضا چنڊ ۽ ٻين شرڪت ڪري نوجوان سماج سڌارڪ ڊاڪٽر زبير علي چنڊ کي سنڌ جي ثقافتي سوکڙي ٽوپي اجرڪ سان گڏ گلن جا هار پارايا ۽ ٻيا تحفا پيش ڪري دعائن سان نوازيو ۽ سندس سماجي خدمتن تي لفظن جي ڀيٽا پڻ ڏني. ان موقعي تي سيني گڏجي سماج سڌارڪ ڊاڪٽر زبير علي چنڊ جي سالگره جوڪيڪ پڻ ڪاٽيو جڏهن ته آخر ۾ ڊاڪٽر زبير علي چنڊ شرڪت ڪندڙ سيني مهمانن ۽ دوستن جا ٿورا پڻ مڃيا، سالگره تقريب ۾ آيل مهمانن جي گلن جي ورکا سان آجيان ڪئي وئي.

بقايا سنڌيار 05

جنهن بعد سندس والده انهي زمين جي بلاڪ نمبر39 مان 16 ايڪڙ 1973 ۾ محمد مراد مري کي 9 هزار روپين ۾ مقاطعي تي ڏني هئي جنهن جو سروي نمبر 39 رجسٽري نمبر 142 آهي جنهن مان محمد مراد مري 7 ايڪڙ بليو ولد وليو بالادي کي ڪپائي ڇڏي آهي جڏهن ته باقي رهيل زمين مان 8 ايڪڙ محمد خان ميرجت جڏهن ته 4 ايڪڙ شير محمد مري جي قبضي هيٺ آهن جن حد جي تپيدار کي پئسا ڏيئي پراڻي تاريخ جي داخلاڪي آهي هاڻ رجسٽري ڏيڻ کان انڪار ڪيو پيو وڃي.هن مطالبو ڪيو ته سندس والده جان محمد جي ڪٽت واري زرعي زمين جي رجسٽري ۽ زمين ڏيئي سائس انصاف ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 06

برج لال بيوس غزل، قاسم پنهور ڪافي، عمران سومرو غزل، ظفر شيتو نظم، بشير چنا غزل، تابش بخاري سرائڪي غزل، عاشق دادوي نظم، سجاد يوسف غزل، قادرسنڌي ترنم ۾ علي دوست عاجز جوگيت ڳايو. شاعرن جي تخليقن تي ڪامريڊ نورمحمد سومرو، شعبان اختر، جاويد جرڪاڻي، محمد عرس سومرو، ڪبير پگهت، اڪبرستابي، شاهه محمد لغاري ۽ وقار سولنگي اصلاحي تنقيد ۾ حصو ورتو گڏجاڻي ۾ حڪومت سنڌ کان خيرپور ميڊيڪل ڪاليج

جي شاگرديائي سنيها جوتي، جي پر اسرار موت جي شفاف جاچ جو مطالبو ڪيو ويو. گڏجاڻي، ۾ حڪومت طرفان هزارين ايڪڙ زمين ويه سال ليز تي ڏيڻ خلاف قرار داد پاس ڪئي وئي ۽ حڪومت کان اهو فيصلو واپس وٺڻ جو پڻ مطالبو ڪيو ويو ۽ چيو ويو ته اها زمين سنڌ جي بي زمين هارين کي ڏني وڃي سنگت جي ميمبرن گڏجاڻي، ۾ ضلعي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته دادو شهر ۾ امن وامان بحال ڪيو وڃي ۽ هٽرادو مهانگائي ختم ڪئي وڃي ۽ موندر ناڪي پرسان ٺهندڙ روڊ جو رهيل ڪم جلد مڪمل ڪرايو وڃي.

بقايا سنڌيار 07

جو اينڊز وزيراعظم قائد نواز شريف هوندو پاڪستان جو عوام اسان کي ڪارڪردگي جي بنياد تي ووٽ ڏيندو هن چيو ته پي ايس 33 تعلقي پرياسٽي لاءِ درخواست فارم نواز ليگ سيڪريٽريٽ لاهور موڪليو آهي ٽڪيٽ لاءِ پارٽي جو فيصلو قبول هوندو اُءِ پراڻو ٽڪيٽ هولڊر آهيان علائقي جوعوام ۽ پارٽي جا ورڪر مون سان گڏ آهن هڪ سوال جي جواب ۾ فياض لاکو چيو ته جي ڊي اي سان سيٽ ايڊجسٽمنٽ ٿي سگهي ٿي پر پارٽي قيادت کي اپيل آهي ته تعلقي پريا ۾ اسان ڀرپور تياري ڪئي آهي سيٽ ايڊجسٽمنٽ ڪرڻ لاءِ مون سميت ورڪرن جي راءِ ورتي وڃي باقي قيادت جيڪو فيصلو ڪندي قبول هوندو هن چيو ته سنڌ ۾ پيپلز پارٽي گذريل پندرهن سالن ۾ ڪجه ناهي ڪيو روڊ رستا تباهه آهي اسڪولن جي حالت خراب آهي انشاءَالله اقتدار ۾ اچي تعلقي پريا جي عوام جي خدمت ڪندس

بقايا سنڌيار 08

پيو ۾ ڪئمپ قائم ڪري ورتي آهي فائرنگ سبب علائقو جنگ جو ميدان بڻجي ويو آهي فائرنگ سبب آسپاس جا رهواسي خوف مان گهرن تائين محدود ٿي ويا آهن جڏهن ته ڌوهارين ۽ رينجرس ۽ پوليس وچم راڪيٽ لانچر ۽ اينٽي ايئر ڪرافٽ گن ٻين جديد هٿيارن جو پڻ استعمال ڪيو پيو وڃي فائرنگ سبب هن وقت تائين ڪي به جاني نقصان جا اطلاع ناهن مليا سگهيا آهن فائرنگ سبب پوليس ۽ رينجرس آر ڊي 219 پل کان ڳوٺ قياس خان پيو تائين اينڊز ويندڙ ماڻهن جا رستا بند ڪري ڇڏيا آهن اهلڪارن جو چوڻ آهي ته ڌوهارين ۽ پوليس وچم فائرنگ جي ڏي وٽ هلندڙ آهي جنهن سبب اينڊز ويندڙ ماڻهن کي روڪيو ويو آهي جيئن ڪنهن عام ڳوٺائن کي ڪو نقصان نه رسي واضح رهي ته ڪجه ڏينهن اڳ ڌوهارين پوليس ۽ رينجرز اهلڪارن مٿان ڌاڙ ڌاڙ حملا ڪيا هئا جن ۾ هڪ پوليس اهلڪار شهيد ۽ ٽي رينجرز جا اهلڪار سخت زخمي ٿيا هئا

بقايا سنڌيار 09

نتيجي ۾ نئون ديرو جي غريب آباد محلي جو رهواسي منظور ولد عادل ميربحر کي ٽڙي، ۾ گولي لڳڻ ڪري هو زخمي ٿي پيو زخمي منظور ميربحر کي فوري طبي امداد لاءِ نئون ديرو اسپتال آندو ويو جتي زخمي منظور ملاح جي طبعيت ناساز هجڻ ڪري ڊاڪٽرن ان کي لاڙڪاڻي جي ايمرجنسي وارڊ منتقل ڪيو آهي. هوڏانهن ان ئي مقام تي ڪجه ڏينهن اڳ شادي جي پروگرام کان واپس گهر ڏانهن ايندي نئون ديرو جي صوفي فنڪار منور علي ابڙو ۽ سيد صدرالدين شاهه راشدي کي به ان ئي مقام تان نا معلوم هٿيار بندن هٿيارن جي زور تي يرغمال ڪري 2 لک روڪ رقم ۽ قيمتي موبائيل فونون فوري فرار ٿي ويا هيا. افسوس جو مقام آ جو نئون ديرو پوليس هن وقت تائين ڌاڙيلن خلاف ڪک ڀڃي بيٺو ناهي ڪيو ۽ ڌوهاري بغير ڪنهن خوف جي وارداتون ڪن ٿا جنهن جي نتيجي ۾ سکر کان لاڙڪاڻو يا لاڙڪاڻو کان سکهر ويندڙ مسافر نئون ديرو ٿاڻي جي حد جت پتا لاڙي وٽان غير محفوظ بڻجي ويا آهن ۽ اهو مقام ڌاڙيلن جو محفوظ مقام بڻجي ويو آهي جتان آرام سان ڏوهه ڪري فرار ٿي وڃن ٿا....

بقايا سنڌيار 10

فيروزجي مانيٽرنگ آفيسر ماجد علي 9 ڊسمبر 2023 بروز ڇنڇر ڏينهن ضلعي نوشهرو فيروز جي 5 تعلقن نوشهروفيروز، مورو ، ڪنڊيارو ، پريا سٽي ۽ محرابپور جي اسڪولن جي ڪيل وزٽ ۾ 16 اسڪول مڪمل طور بند مليا اهن جڏهن ته غير حاضر استادن جو تعداد 9 ۽ مستقل طور غير حاضر رهندڙ استادن جو تعداد 55 پڌرو ڪيو ويو آهي ڊائريڪٽر جنرل ايچ آر ڪراچي ڊائريڪٽر پرائمري ۽ سيڪنڊري شهيد بي نظير آباد ۽ ڊسٽرڪ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري ۽ سيڪنڊري نوشهرو فيروز ڏانهن موڪليل رپورٽ ۾ ڄاڻايو آهي ته اچرڪي ڏينهن ۾ اسڪولن جي ڪيل وزٽ دوران ضلعي جي 5 تعلقن ۾ 16 اسڪول مڪمل طور بند مليا آهن

بقايا سنڌيار 11

۾ شهدادڪوٽ شهري اتحاد جي صدر ڪامريڊ وهاب پندراڻي ۽ جماعت اسلامي جي نائب امير ڊاڪٽر امتياز احمد شيخ مهمان خصوصي طور شرڪت ڪئي، جڏهن ته ناظم مراڪز علم و معلم علامه قاري نادر علي بروهي قادري ليڪچر ڏنو جڏهن ته سرپرست سيد ڪليم الله شاهه ۽ غلام مصطفيٰ دايو آيل مهمانن کي ڀليڪار چئي. تحريڪ جي صوبائي سيڪريٽري انفارميشن ديدار علي سومرو چيو ته تحريڪ جي سربراهه شيخ الاسلام ڊاڪٽر محمد طاهر القادري عام ماڻهن جي تعليم ۽ تربيت جي ضرورت کي محسوس ڪندي اينڊز پنجن سالن ۾ 25000 علم جا مرڪز قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو هن وقت سڄي ملڪ ۾ سوين علم جا مرڪز قائم ٿي چڪا آهن شهدادڪوٽ جهڙي پٺ تي پيل علائقي ۾ علم جا چار مرڪز قائم ڪيا ويا. الحمدللہ مرڪز علم جي پهرين سيمسٽر مڪمل ڪيو ويو آهي. جيڪو چار مهينا جاري رهيو علم جي مرڪز ۾ ڏهه مضمونن کي فوڪس ڪيو ويو آهي جن ۾ تجويد وقرآن، ترجمو ۽ تفسير، حديث نبوي، سيرت النبي ، فقه، ايمان جا رڪن، آداب ۽ معاملات، _ فڪر ۽ نظريا _ شخصيت سازي ۽ پائيجارو شامل آهن ان جا ٻه سيمسٽر هوندا. ان موقعي تي خاص مهمان جماعت اسلامي جي نائب امير ڊاڪٽر امتياز احمد شيخ ۽ شهدادڪوٽ شهري اتحاد جي صدر ڪامريڊ عبدالوهاب پندراڻي چيو ته بلاشبہ پوري دنيا ۾ قائد تحريڪ ڊاڪٽر محمد طاهر القادري جون تعليم ۽ سماجي خدمتون تعريف جوڳيون آهن. جڏهن ته اهڙا پروگرام منعقد ڪرڻ وقت جي ضرورت آهي. جڏهن ته اهڙن پروگرامن ۾ مختلف مڪتبہ فڪرجي شخصيتن جي شرڪت سان دوريون ختم ٿينديون. هن چيو ته اڳ مختلف تنظيمون اهڙا پروگرام منعقد ڪري پنهنجي ڪارڪنن جي تربيت ڪنديون هيون جن کي اسٽڊي سرڪل جو نالو ڏنو ويندو هو جيڪو سلسلو ڪافي عرصي کان بند هو پر ڊاڪٽر صاحب ان ڪلچر کي ٻيهر بحال ڪيو آهي. اميد آهي ته ٻيون پارٽيون به اهڙا پروگرام منعقد ڪنديون. جتي ماڻهن کي سکڻ جا موقعا ملندا. جڏهن ته سنڌن ڪوشش هوندي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته مذهبي نفرتن کي ختم ڪري عوام ۾ شعور ڪيو وڃي انهن کي علم ۽ تربيت لاءِ ڪوششون ڪيون وڃن .مقررين شهدادڪوٽ مرڪز علم ۽ ملڪ ۾ سيڪا پهريون سيمسٽر مڪمل ڪرڻ تي منتظمين کي مبارڪباد ڏني. تقريب ۾ ناظم حافظ منير احمد مگسي، فقير محمد عالم پٺاڻ، ميان عبيدالله صديقي، سرائي عبدالوحيد مستوئي، تعليمي ماهر خادم حسين نگراني، ميڊيا ناظم حماد سومرو ۽ ٻين شرڪت ڪئي. جاويد حسين قادري ۽ علي رضا پٺاڻ نعت رسول پڙهڻ جو شرف حاصل ڪيو

بقايا سنڌيار 12

ولي چانڊيو ۽ سماجي اڳواڻ اڪبر لاشاري جي مان ۾ آجياڻي تقريب ڪوٺائي وئي پرڏيہ ۾ رهندڙ سجرا اڳواڻن سميت ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي:_ خبر موجب جده سعودي ۾ سينيئر صحافي ولي چانڊيو ۽ سماجي اڳواڻ اڪبر لاشاري جي مان ۾ ڪوٺايل آجياڻي تقريب ۾ سعودي عرب ۾ ارهندڙ سجرا اڳواڻ سردار سڪندر چانڊيو، حاجي ماجد چانڊيو،امتيار چانڊيو،عدنان چانڊيو، بشير چانڊيو، انور چانڊيو،امير علي چانڊيو،حاجي صاحب خان چانڊيو،حاجي رزاق چانڊيو،غازي خان چانڊيو،ملوڪ چانڊيو،امير علي چانڊيو، ڊي جي خان جو مقصود چانڊيو ۽ مدهوش مدثر جتوئي،حاجي راشد علي جتوئي،ڪليم لنڊ،وحيد علي رودناڻي سميت ٻين ڀرپور شرڪت ڪئي ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته سينيئر صحافي ولي

چانڊيو هميشه پنهنجي قلم جي نوڪ عام ۽ مظلوم ماڻهن جي ترجماني ڪئي آ. هن نه صرف پنهنجي برادري جي ماڻهن پر هر ماڻهون جي ڏک سک ۾ اڳ ڀرو آهي هن جيو ته اسين اڄ سندس جي حوصلا افضائي ڪندي تقريب ڪرنائي آهي. هن چيو ته ولي چانڊيو نه صرف سنڌ پر پاڪستان جي سٺن صحافين مان هڪ آهي.

بقايا سنڌيار 13

جي جديد ٽيڪنالاجي ايپ ذريعي فنگر پرنٽ لڳائي سموري ڊيٽا معلوم ڪري جي سهولت پڻ هئي جيڪو به ڪنهن به ڏوهه ۾ ملوث هوندو ان تي بروقت ڪاروائي ڪئي ويندي جنهن وٽ به موٽر سائيڪل جا ڪاغذ يا اصلي شناختي ڪارڊ نه هوندو ان خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي ڪيترين ئي موٽر سائيڪليون بيهاري اصلي ڪاغذ طلب ڪيا ويا نوشهروفيروز ضلع هيڊ ڪوارٽر شهر ۾ امن ان جي صورتحال کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ايس ايس پي نوشهروفيروز عابد بلوچ جي هدايتن تي ايس ايچ او سٽي نوشهروفيروز سيد عبدالخالق جيلاني جي اڳواڻي ۾ ناروشاهه اسٽاپ سميت ڏاروشاهه بائي پاس ۽ شهر جي اينڊز ويندڙ رستن تي چيڪنگ جو عمل جاري ان دوران مختلف موٽر سائيڪلن جا ڪاغذ ۽ مشڪوڪ ماڻهن جي چيڪنگ ڪئي وئي ان موقعي تي ايس ايچ او سٽي سيد عبدالخالق جيلاني ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان روزاني جي بنياد تي چيڪنگ جو عمل جاري رکنداسين شهر ۽ آسپاس ۾ ڏوهن تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ چيڪنگ جو عمل جاري آهي ۽ شهرين کي پوليس سان مڪمل تعاون ڪرڻ جي ضرورت آهي شهر موٽر سائيڪل هلائڻ وقت ان جا ڪاغذ ۽ پنهنجوسڃاڻپ ڪارڊ پاڻ سان گڏ رکن.

بقايا سنڌيار 14

طرز حڪمراني چاهيون ٿا اهڙن خيالن جو اظهار تحريڪ لبيڪ پاڪستان سکر ڊويزن جي سرپرست اعلي مولانا محمد سومر حسيني ، پي ايس 23 جي امير مولانا محمد موسي ٻرڙو ، محمد آصف صديقي ، فقير ربنواز چاچڙ ، حافظ عبدالجبار شنباڻي ، گل محمد شنباڻي ، حافظ عبدالقادر ، ۽ ٻين طرفان اليڪشن جي سلسلي ۾ صالح جي علائقي ڳوٺ جيٺو خان شنباڻي ۾ هڪ اهم گڏجاڻي کي خطاب ڪندي ڪيو هنن چيو ته قدرتي وسيلن سان مالا مال ملڪ پاڪستان کي ڪرپٽ ۽ نا اهل حڪمرانن جي غلط پاليسين مختلف بحرانن طرف ڌڪي ڇڏيو دنيا ترقي ڪري چنڊ کان به اڳتي نڪري چڪي آهي پر اسان جو ملڪ اڄ به هر لحاظ کان پوئتي پيل آهي هنن چيو ته پوري دنيا جي ملڪن ۾ پاڪستان جي رپئي جي قدر ۽ قيمت ڪريل آهي جنهن جا ذميوار آئي ايم ايف جا پنوڪرپٽ حڪمران آهن هنن چيو ته ترقي ۽ معيشت جي لحاظ کان افغانستان به اسان جي ملڪ کان اڳتي وڌي رهيو آهي فرق صرف اهو آهي ته افغانستان جا حڪمران پنهنجي ملڪ ۽ عوام سان سچا آهن ۽ هتي ائين ناهي هنن چيو آهي اسان جا نوجوان ڊگريون کڻي چونڊيل نمائندن جي بنگلن جا چڪر ڪاٽڻ تي مجبور ٿي ويا آهن ڪين قابليت تي نوڪري به نه ٿي ملي جنهن ڪري هو مجبور ٿي يا ته خودڪشيون ٿا ڪن يا وري قرض کڻي ٻاهرين ملڪن ۾ روزگار جي ڳولها لاءِ وڃن ٿا هنن چيو ته تحريڪ لبيڪ جو واضح منشور آهي ته هن ملڪ مان ڪرپشن بدعنواني جو خاتمو آڻي ملڪ کي اسلامي فلاحي رياست مطابق اسلامي طرز حڪمراني لاڳو ڪجي ته جيئن ملڪ حڪمرانن جي پيدا ڪيل هٿرادو بحرانن مان نڪري سگهي

بقايا سنڌيار 15

ڪي بغير ڪنهن فرق جي فراهم ڪرڻ سان سماج ترقي ڪري ڪندو آهي ۽ انساني حقن کي يقيني بڻائڻ لاءِ معاشري ۾ انصاف تمام ضروري آهي. سنڌ سميت سڄي پاڪستان ۾ سيني شهرين کي برابري جا حق حاصل آهن. نگران وڏي وزير چيو ته گڏيل قومن کي فلسطين ۽ ڪشمير ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين تي مداخلت ڪرڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو ته سندس عالمي برادري کي اپيل آهي ته اڳتي اچي ۽ معصوم انساني جانين کي اسرائيلي ۽ ڀارتي ظلمن کان بچائي.

بقايا سنڌيار 16

وڪوڙجي ويا آهن جڏهن ته مزدورن کي اجرت به پوري نٿي ڏني وڃي مزدورن جي سيفٽي توڙي صحت ۽ ٻيون بنيادي سهولتون نه هجڻ ڪري ڪيترائي مزدور نوڪري ڇڏي ويا هليا آهن ۽ جن مزدورن ليبر پاليسي لاءِ دانهيو آهي انهن کي بليڪميل ڪري بليڪ لسٽ ڪري ڪڍيو وڃي ٿو انهن چيو ته ڪول ڪمپني، ۾ مقامي مزدورن سان ظلم جي انتها ٿي رهي آهي انهن چيو ته اسان مزدورن جي حقن جي ڳالهه ڪيي ته اسان کي بي بنا جواز نوڪري، مان فارغ ڪيو ويو آهي متاثرين جو چوڻ هو ته ٽرڪول ڪمپنين جي زيادتين خلاف خاموش نه ويهنداسين اسان پهرين مرحلي ۾ احتجاج جو سلسلو شروع ڪيو آهي اسلام ڪوٽ پريس ڪلب اڳيان پڻ احتجاج ڪيو آهي ۽ اسان جي احتجاج جو سلسلو هلندڙ آهي 12 ڊسمبر تي ڇاڇرو پريس ڪلب اڳيان پڻ احتجاج ڪيو ويندو جڏهن ته ٿر جي ڳوٺن ۾ وڃي متاثر ماڻهن کي گڏ ڪري 24 ڊسمبر تي ٽرڪول بلاڪ ٿر جي مين گيٽ اڳيان ڌرڻو هڻنداسين انهن چيو ته متاثر ماڻهن جي هر صورت ۾ مالڪي ڪنداسين اسان وطن جي ترقي چاهيون ٿا اسين وطن دشمن ناهيون جو سي پيڪ جو مسيلوجاٿايي اسان جي خلاف سازش ڪيي ويندي اسين ڪم ڪندڙ مزدورن جا حق گهرون ٿا جيڪو اسان جو گهرڻ بنيادي حق آهي.

بقايا سنڌيار 17

10ڊسمبر(اڄ) حيدرآباد ۾ سنڌ صحافي ڪنوينشن ۾ احتجاجي تحريڪ بابت وڌيڪ حڪمت عملي جوڙي ويندي سکر يونين آف جرنلسٽ پاران شهيد صحافي جان محمد مهر جا مک قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف 119 ڏينهن به سکر جي صحافين احتجاجي تحريڪ جاري رکندي سکر پريس ڪلب اڳيان ايس يو جي جي ڪال تي سکر پريس ڪلب تي جلال الدين پيو سحرش ڪوڪر جهانزيب وسير جي اڳوائي ۾ احتجاجي علامتي بک هڙتال وارو سلسلو جاري رکيو جنهن ۾ جلال الدين پيو،حسيب شيخ، يار محمد سومرو، ماجد منگي، فضل الرحمان قريشي، سيد زبير شاهه، شهناز منگي، اصغر عباسي،ناصر جعفري، ..حق نواز، مجيب ورند جي اير شيخ ابراهيم سومراڻي جواد شاهه فاروق سومرو فضل الرحمان اسلم داُيو ڊاڪٽر نظير ڪوڪر ۽ ٻيا موجود هئا ان موقعي ڊسٽرڪٽ بار سکر جي اڳواڻ ايڊووڪيٽ شاهنواز شر، پي ٽي آئي اڳواڻ عبدالعزيز ابڙو، ايس يو پي اڳواڻ ايڊووڪيٽ عبداللطيف ڪوسو، سماجي اڳواڻ عبدالجبار صحافين سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو اڳواڻن چيو ته 118 ڏينهن گذري وڃڻ کان پوءِ به شهيد جان محمد مهر جا اصل قاتل قانون جي پڪڙ کان بچيل آهن جنهن جي ڪري صحافين ۽ وارثن ۾ بي چيني ڇانيل آهي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته ايف آئي آر ۾ نامزد جوابدار گرفتار نه ڪيا ويا آهن شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتار نه ڪرڻ خلاف پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ پاران جدوجهد کي تيز ڪيو ويو آهي اڄ 10 ڊسمبر تي حيدرآباد پريس ڪلب ۾ سنڌ صحافي ڪنوينشن منعقد ڪيو پيو وڃي جنهن ۾ وڌيڪ احتجاج بابت حڪمت عملي جوڙي ويندي اسان واضح اعلان ڪيو آهي ته جيستائين شهيد جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه آندو وڃي تيستائين احتجاج جاري رکيو ويندو احتجاج ۾ سول سوسائٽي جي ڊاڪٽر نذير ڪوڪر عطا محمد پٽو، .اعظم منگريو ۽ ٻين شريڪ ٿي يڪجهتي جو اظهار ڪيو ۽ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته شهيد جان محمد جي قتل ۾ ملوث اصل جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف جو مان مٿانهون ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 18

ڪئي انهي سلسلي ۾ ڳوٺ پوجابو ۽ ڳوڙهيار جي شموليتي پروگرام ٿيو ڳوٺ پوجابو ۾ ستراهم پيل پنهنجي سموري برادري، نجب الدين اولو پنهنجي اوٺا برادري ۽ هرچند راجا ڪولهي پنهنجي برادري سميت پي ٽي آئي کي الوداع ڪري ڪملا پيل تي اعتماد ڪندي شموليت ڪئي ڳوٺ ڳوڙهيار ۾ هوندراج ميگهواڙ پنهنجي برادري سميت ارباب گروپ الوداع ڪري پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شموليت اختيار ڪئي. جنهن بعد ڳوٺ پوجابو ۽ ڳوڙيار ۾ ڪارنر گڏجاڻيون رکيون ويون جنهن ۾ اڳوڻي ايم اين اي پير امير علي شاهه، قاسم سراج سومرو،

عبدالغني خان ڪوسو، ڪريمڏنو دل، لالاجپت پيل، سردار خان ڪوسو، منگل سنگه پيل، لالا قمبر ۽ ٻين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، گڏجاڻي کي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته پ پ ٿرپارڪر ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪري عوام کي بنيادي سهوليتون ڏنيون آهن ٿر ۾ صحت تعليم روڊ سميت ٻيون ترقياتي اسڪيمون پ پ جي بهترين ڪارڪردگي جو ثبوت آهي هنن چيو ته ڪارڪن پارٽي جو اثاثو آهن انهن کي ڪنهن به ريت اڪيلو نه ڇڏيو ويندو اينڊز اليڪشن ۾ پيپلزپارٽي پوري ملڪ مان ڪاميابي حاصل ڪندي ۽ ملڪ جي اينڊز وزيراعظم بلاول ڀٽو هوندو

بقايا سنڌيار 19

پليجو، سنڌس گهر واري نورجهان پليجو، معصوم نياڻي مرڪ پليجو ۽ شمشير جنگ پليجو سان گڏ ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام هنيو آهي ته ٻنون شهر جي مختلف بنيادي مسئلن جي حل سميت ٻيلن جي تباهي خلاف مسلسل جهدوجد ڪرڻ جي ڏوهه ۾ ڪجه سازشي ذريون منهنجي گهر ۽ فيملي تي حملا ڪرائي اسان کي حراسان ڪيو پيو وڃي، هنن الزام هڻندي چيو ته جوابدار مجيد لوهار اسانجي غير موجودگي ۾ گهر تي حملو ڪري معصوم نياڻي مرڪ پليجو تي تشدد ڪري فرار ٿي ويو اهڙي رپورٽ ٻنون ٿاڻي تي داخل ڪرائي وئي پر پوليس ڪو به قدم نه کنيو هنن مطالبو ڪيو ته جوابدارن خلاف قدم کڻي تحفظ ڏنو وڃي. هوڏانهن الزام هيٺ آيل ٻنون جي پورهيت مجيد لوهار غني جوش پليجو طرفان لڳايل سمورن الزامن کي رد ڪندي چيو ته پاڙي ۾ ٻارن جو معمولي مسئلو ٿيو هو جنهن کي غني پليجو سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪري رهيو آهي. معاملي جي شفاف جانچ ڪرائي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 20

آهن اهي سکر شهر جا دشمن آهن. ڪجهه ماڻهن هٿ سان سکر شهر کي نقصان پهچائي رهيا آهن. هن چيو ته شهر جي دشمن عنصرن کي کپي ته هو سلي ڪم جي تعريف ڪن چاڪاڻ ته سکر شهر کي ترقي ڏيارڻ لاءِ ڏينهن رات ڪم جاري آهن اهڙن خيالن جو اظهار هن سکر جي ملٽري روڊ تي جاري ترقياتي ڪمن جو جائزو وٺڻ دوران ۽ ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائڻ دوران ڪيو هن وڌيڪ چيو سوشل ميڊيا ذريعي تنقيد ڪرڻ وارا آڱريون کڻڻ وارا صرف سوچن ته اجتماعي طور تي شهر کي ڪهڙو فائدو ٿي رهيو آهي ۽ شهر کي خوبصورت بڻائڻ لاءِ هڪ وسيع ۽ جامع منصوبن جو ڄار وڇايو ويو آهي ۽ موثر حڪمت عملي سان ڪم جاري آهن هن چيو ته روڊن سان گڏوگڏ سيوريج جي نظام کي به بهتر بڻائڻ لاءِ جوڳا قدم کنيا ويا آهن هن وڌيڪ چيو ته سکر جي شهرين کي کپي ته اسان گڏ شهر کي مثالي شهر بڻائڻ ۾ پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪن. هن وڌيڪ چيو ته شهرين کي سٺا ڪم ڪرڻ تي ويلڪم ڪرڻ کپي.

بقايا سنڌيار 21

صاف سياست ڪندي آهي . هوءَ ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪري ٿي. ڪراچي شهر جي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ ڪري رهيو آهي. جيئن جيئن چونڊون ويجهو اينديون آهن. تيئن تيئن پاڪستان پيپلز پارٽي خلاف ناڪاري پروپيگنڊا شروع ٿي ويندي آهي. ايم ڪيو ايم متحده قومي موومينٽ پاڪستان اها پارٽي آهي. جنهن ڪراچي کي ٻولي جي بنياد تي ورهائي ڪراچي جي بيگناهه ماڻهن کي بيوقوف بڻائي ڇڏيو. هن پنهنجي دور ۾ حڪومت ۾ ڪراچي شهر کي تباهه حال بڻائي ڇڏيو. مصطفيٰ ڪمال جڏهن ڪراچي جو ميئر ٿيو سڄو شهر پتا مافيا جي حوالي ڪيو ويو شهر قائد جي روڊن جي حالت ڪنهن کان ڳجهي ناهي. ان وقت پبلڪ ٽرانسپورٽ جي حالت تمام خراب هئي. ماڻهو پبلڪ ٽرانسپورٽ ۾ سفر ڪندا هئا. عمل جي سزا ها. اهي هڪ ٻئي جي ڳلا ۾ آهن. اهو سڀ منافقن جي ٽولي آهي. هو صرف پنهنجن مفادن جو تحفظ ڪرڻ چاهين ٿا. ڪين ڪراچي شهر جي ترقي هضمر نه ٿي رهي آهي. چاڪاڻ ته ڪراچي جي عوام ڪين رد ڪري ڇڏيو آهي. پاڪستان پيپلز پارٽي بلدياتي اليڪشن ۾ واضح اڪثريت سان ڪامياب ٿي ڪراچي شهر جي ميئر شپ حاصل ڪري ڪراچي جي عوام جي ڀرپور خدمت ڪري رهي آهي. ڪراچي شهر جي ترقي ۽ شاندار عملي ڪم جاري آهي. پبلڪ ٽرانسپورٽ جي حالت به بهتر ڪئي وئي آهي. عوام جي بس سروس پڻ شروع ٿي وئي آهي ۽ گرين بس سروس پڻ شروع ڪئي وئي آهي. پاڪستان پيپلز پارٽي ڪراچي جو ميئر انقلابي قدم کڻي رهيو آهي. گلستان جوهر وٽ انڊر بائي پاس به تعمير ڪيو ويو آهي. ٽريفڪ جي وهڪري ۾ پريشاني تقريبن ختم ٿي وئي آهي. هي اهو انقلابي ڪم آهي جيڪو متحده قومي موومينٽ پاڪستان کي هضمر نه ٿي رهيو آهي ان ڪري جڏهن اليڪشن جو دور اچي ٿو ته اها پاڪستان پيپلز پارٽي خلاف منفي پروپيگنڊا شروع ڪري ٿي. ٻولي جي نالي تي ووٽ حاصل ڪرڻ ٿي چاهي ٿي هوءَ چاهي ٿي ته ڪيئن ماڻهن ۾ فرق پيدا ڪجي ۽ اهڙا بيڪار بينر لٽڪايا وڃن متحده قومي موومينٽ پاڪستان جي سياست دفن ٿي وئي آهي. پاڪستان پيپلز پارٽي ڪين سڄي ڪراچي مان شڪست ڏئي اينڊز اليڪشن ۾ ڪراچي جي سمورن سيٽن تان واضح اڪثريت سان ڪاميابي ماڻيندي.

بقايا سنڌيار 22

صحافين سحرش ڪوڪر يارمحمد سومرو جهانزيب وسير جي به شرڪت سکر جي سنگرار مان اغوا ڪيل معصوم نياڻي پريا ڪماري ۽ سکر ايوب گيٽ وٽان اغوا ڪيل نوجوان علي اصغر منگرو سميت سنڌ جي سمورن مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاجي ڪئمپ کي 2مهينا 9ڏينهن ٿيڻ باوجود مغوين جي بازيابي لاءِ ڪنهن به نوٽيس نه ورتو لاڳيتو 68ڏينهن جاري احتجاج جو حڪمرانن، عدليه ۽ انساني حقن جي تنظيمن،سوڊو سنڌ جي اديبن، دانشورن سميت ڪنهن به عملي نوٽيس ۽ نه ڪو اهڙي ظلم خلاف آواز بلند ڪيو آهي ڊاڪٽرنذير ڪوڪر جي اڳوائي ۾ رائيپور کان احتجاجي مارچ بعد سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري پريا ڪماري رهائي ڪميٽي جي پليٽ فارم تان سکر جي سنگرار مان اغوا ڪيل معصوم نياڻي پريا ڪماري، سکر جي ايوب گيٽ وٽان اغوا ڪيل علي اصغر منگريو، .محرابپور مان اغوا ڪيل شاگرد علي حسن ميمڻ سميت سنڌ مان اغوا ٿيل سمورن مغوين جي بازيابي لاءِ ڏينهن رات جاري احتجاج کي68 ڏينهن مڪمل ٿي ويا آهن پر سنڌ جا حڪمران مغوين جي بازيابي لاءِ سنجيده ناهن ان ڏس ۾ اڄ صحافين سحرش ڪوڪر جهانزيب وسير يارمحمد سومرو ۽ ٻين احتجاجي ڪئمپ تي پهچي يڪجهتي جواظهار ڪندي مغوين جي بازيابي جو مطالبو ڪيو احتجاج کي جاري رکندڙ اڳواڻ ڊاڪٽر نذير ڪوڪر، عطا محمد پٽو، محمد اعظم منگريو ۽ ٻين جو چوڻ آهي ته 68 ڏينهن مڪمل ٿيڻ کان پوءِ به موجوده نگران سنڌ حڪومت ۽ پوليس اغوا ٿي ويلن جي بازيابي لاءِ ڪي به اپاءَ نه ٿي وٺي سنڌ ۾ بدامني جي باهه کي ڪو وسائڻ وارو ڪونهي، سنڌ جي عوام سان ظلم ۽ زيادتي جاري آهي چونڊيل نمائندن کي ڪا پرواهه ناهي ڊاڪٽرنذير چيو ته اسان رائيپور کان مغوين جي بازيابي لاءِ مسلسل ڏينهن رات واري جدوجهد شروع ڪئي جنهن کي 96ڏينهن مڪمل ٿيا آهن اسان جي احتجاج کي مسلسل نظر انداز ڪيو ويو آهي اسان جو هڪ ئي مطالبو آهي ته سکر جي علائقي سنگرار ۾ بااثر سردار جي قيد مان معصوم نياڻي پريا ڪماري، شڪارپور جي بااثر منگريو ذات جي قردن خاص طور، پوليس پي ڊي ايس پي ڪشمور خالد منگريو جي قيد مان اصغر منگريو سميت سنڌ جي اغوا ٿيل سمورن مغوين کي بازياب ڪرايو وڃي، جيئن وارثن جي بيچيني ختم ٿي سگهي،بي باسي اڄ 24 ڪلاڪن لاءِ مخدوم بلاول ۽ زاهد منگريو جي اڳوائي ۾ جدوجهد کي تيز ڪندي حيدرآباد پريس ڪلب اڳيان احتجاجي ڪئمپ قائم ڪئي وئي آهي جڏهن ته 11ڊسمبر تي 12 وڳي منجهند کان 24 ڪلاڪن لاءِ ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران احتجاجي ڪئمپ قائم ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 23

اهلسنت ضلع شڪارپور جي امير ميان سالم جان هاشمي چيو ته جلد ضلعي شڪارپور اندر تنظيم سازي ڪئي ويندي. غلام مصطفيٰ برو

چيو ته اسان جي جدوجهد جاري رهندي، صاحبزاده حافظ فضل الله ثرواني چيو ته هميشه مرڪزي جماعت اهلسنت اسلام جي سربلندي لاءِ ڪم ڪيو آهي. ان موقعي تي محمد آصف بلوچ، مولانا صبغت الله قادري، سيد زاهد حسين شاهه بخاري ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا سنڌيار 24

گندرو، شاهرخ خان، محمد صديق گندرو سميت گندرا، ملاح برادري جا وڏي تعداد ۾ معززين موجود هئا، ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي SHO ٽنو قربان علي ملاح چيو ته اسان عوام جا حاڪم نه پر خادم آهيون. اسانجو ڪم عوام جي خدمت ڪري ڪين تحفظ مهيا ڪري سندن ملڪيتن جو تحفظ ڪرڻ آهي. هن چيو ته ايماندار آفيسرن جون بدليون سندن ڏاج بڻيل آهي. هن چيو ته هو پنهنجي ڊيوٽي هميشه ايمانداري سان ادا ڪندو رهي ٿو، جتي به وڃون ٿا، اتي ڏوهارين ۽ منشيات فروشن خلاف سندن سخت ڪاروايون جاري آهن. جيڪي انهن جي مڪمل خاتمي تائين جاري رهنديون. هن چيو ته امن امان خراب ڪرڻ ۽ ان ۾ خلل وجهڻ جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏني ويندي. اهڙي عمل ۾ جيڪو به ڏٺو ويو. ان خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي. هن چيو ته سندس اچڻ بعد سنيپ چيڪنگ وارو عمل تيز ڪيو ويو آهي. هن چيو ته شادي هالن توڙي شادين ۾ ڪنهن کي به هوائي فائرنگ جي اجازت نه ڏني ويندي، شهري به ان عمل کان گريز ڪن. جنهن عمل تي پابندي لڳل آهي. ان عمل ۾ به جيڪو ڏٺو ويو ان خلاف سخت قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي. هن چيو ته الحاج سيد قادر ڏنو شاهه شيرازي ۽ الحاج سيد اعجاز علي شاهه شيرازي جي شيرازي هائوس لٽي تي ملهائجندڙ سالياني ورسي تقريب ۾ پڻ سيڪيورٽي جا انتهائي سخت انتظام ڪيا ويا آهن. جيئن ڪوبه اڻوڻندڙ واقعو پيش اچي نه سگهي.

بقايا سنڌيار 25

گروپ جي سرواڻي ڪندڙ اڳوڻي ضلعي ناظم سيد شفقت حسين شاهه شيرازي _ اڳوڻي ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي ۽ اڳوڻي ايم پي سيد رياض علي شاهه شيرازي تقرير ڪندي چيو ته مرحوم اعجاز علي شاهه شيرازي نه صرف هڪ بهترين سياسي اڳواڻ هو پر هڪ بهترين انسان ۽ انسان دوست شخصيت هو جنهن جي وڇوڙي تي سمورص سنڌ جو عوام اڄا تائين سوڳوار آهي سيد شفقت حسين شاهه شيرازي - اياز شاهه شيرازي ۽ سيد رياض شاهه شيرازي جو چوڻ هو ته جيستائين شيرازي برادري جو ٻچو ٻچو زنده آهي لاڙ پٽي جي عوام جي خدمت جاري رکندو ورسي ۾ مرحوم الحاج سيد اعجاز علي شاهه کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ اڳوڻو ايم پي اي ڊاڪٽر سڪندر شورو. سيد ذوالفقار شاهه - اڳوڻو صوبائي وزير ارباب لطف الله. حاجي علي حسن زرداري - صادق علي ميمڻ - محمد علي ملڪاڻي. سيد منير شاهه شيرازي سجاول مان چونڊيل اڳوڻو ايم پي اي سيد شاهه حسين شاهه شيرازي اڳوڻ ايم پي ايز سيد سرفراز شاهه شيرازي. سيد امتياز شاهه شيرازي - سيد امير حيدر شاهه شيرازي. سيد غلام حيدر شاهه شيرازي .سيد بابر حسين شاهه شيرازي. بابا وڏو سيد قادر ڏنو شاهه شيرازي. اڳوڻو ايم پي اي سيد منظور عرف من شاهه شيرازي _ سيد زوهيب شاهه شيرازي . سميت مختلف سياسي اڳواڻن ۽ ٺٽي ۽ سجاول ضلعن سان واسطو رکندڙ عوام هزارن جي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 26

سولنگي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي اڳواڻن احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته سنڌ جي گذريل حڪومت استادن جي ڀرتين ۾ هارڊ ايريا جو جواز ڄاڻائي پنهنجا نوازي ڪندي 33 کان به گهٽ مارڪون کڻندڙ اميدوارن کي گريس مارڪون ڏئي استاد طور ڀرتي ڪيا هئا . جڏهن ته اسان 33 کان 39 مارڪون کڻندڙ مسلسل ٻن سالن کان سراپا احتجاج بڻيل آهيون پر اسان کي حق نه پيو ڏنو وڃي هن سنڌ جي نگران وزيري اعلي کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته فوري طور تي نوٽيس وٺي Jest ۽ Pst جي ڀرتين تان پابندي هٽائي هڪ سنڌ هڪ پاليسي، ۽ برابري جي بنياد تي پوري سنڌ جي اميدوارن کي 33 مارڪن تي پاس ڪري سنڌ جا بند پيل هزارين اسڪول کولي جوائنگ آرڊر جاري ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 27

گلزار احمد ميمڻ آچر ڏينهن مسلم ليگ سنڌ جي صدر بشير احمد ميمڻ سان سندس ڪراچي واري گهر تي ملاقات ڪري پيپلز پارٽي کي الوداع چئي مسلم ليگ ن ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي ان موقع تي اڳوڻو ايم اين اي ڪيئل داس ڪوهستاني ۽ حيدرآباد ڊويزن جو صدر خالد احمد آرائين ضلع بدين جوصدر ابراهيم ڪمبوهه ۽ مرتضي ميمڻ پڻ موجود هئا گلزار احمد ميمڻ پي ايس 71 بدين واري صوبائي تڪ تي پارٽي ٽڪيٽ لاءِ درخواست پڻ ڏني آهي.

بقايا سنڌيار 28

سان ملاقات ڪئي ان دوران ملاقات ڪندڙن سان ڳالهائيندي آغا سراج دراني چيو ته برادري سنڌ ۾ تعليم کي عام ڪرڻ ۽ سماجي ڀلائي جي ڪمن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ پنهنجون خدمتون تيز ڪن. ان موقعي تي پروفيسر آغا اقبال خان. آغا تابش خان، ڊاڪٽر آغا سميع الله خان، حاجي نويد، خان يوسفزئي، عابد خان يوسفزئي، آغا اڪرم دراني، مشري خان، لالا آصف پٺاڻ آغا فرحان، آغا دانش پٺاڻ، ڊاڪٽر آغا ظهور بابر، آغا نذير ڪوڪر، دانيال خان، آغا عادل خان ايڊووڪيٽ، شان خان يوسفزئي، فرحان خان غوري، ۽ ٻيا به هئا. آغا سراج دراني وڌيڪ چيو ته انسانيت جي خدمت جو جذبو ئي اسان جي سڃاڻپ آهي. اجلاس ۾ موجود آل سنڌي پٺاڻ يوٿ جي ميمبرن جو چوڻ هو ته آغا سراج دراني جا ٿورائتا آهيون جو پٺاڻ برادري جي معززين سان رابطي ۾ رهڻ ۽ انهن جي رهنمائي ڪئي ۽ پٺاڻ برادري لاءِ ڪيل خدمتن تي ڪيس خراج تحسين پيش ڪيون ٿا

بقايا سنڌيار 29

ڪئي گلدستا پيش ڪيا ويا ان موقعي تي سينئر نائب صدر عمران هاشمي ڪراچي يونين آف جرنلسٽ ورڪرز جي وفد کي صحافين سان تعارف ڪرايو ويو جتي سينئر نائب صدر ٻڌايو ته اسان پنهنجي لاڳاپيل صحافين جي بهتري ۽ سهوليات جو آغاز ڪري ڇڏيو آهي هن وڌيڪ چيو ته پريس ڪلب جا دروازا سمورن لاءِ کوليل آهن ان موقعي تي ڪراچي يونين آف جرنلسٽ ورڪرز جي صدر فواد محمد صحافين جي اتحاد تي زور ڏيندي پريس ڪلب سان هر تعاون جو يقين ڏياريو ان موقعي تي فنانس سيڪريٽري جنيد بغدادي، فضيل جتوئي - جاويد شاهه، شاهزيب خانزاده - فيضان احمد ۽ پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل جي اڳواڻ سيد سيف الدين قادري شامل هو جڏهن ته ڊسٽرڪٽ ڪورنگي پريس ڪلب جي سينئر نائب صدر عمران هاشمي.صدر سيف الدين قادري - نائب صدر صفدر محمود.صدر ايوب عثمان - جنرل سيڪريٽري رانا ريحان. عارف ڪمال - آصف شاهين رضوان شيخ ۽ ٻيا شامل هئا

بقايا سنڌيار 30

اظهار لاءِ پلي ڪارڊ ۽ بينر کنيا، ريلي ۽ جلسي جي اڳواڻي جامعہ جي مدير ۽ جي يو آءِ يونٽ شهيد اسلام جي جنرل سيڪريٽري حافظ غلام الله جان بروهي ڪئي، جڏهن ته ٻين شرڪت ڪندڙن ۾ مولانا عطاءالله بروهي، قاري معاويہ، قاري مسرور بلوچ، مولانا امداد الله جان. مولانا امير حمزه جمالي، قاري محمد احمد، .اطهر لاکو، فاروق احمد ۽ ٻين اڳواڻن، مدرسي جي شاگردن ۽ استادن، عالمن ۽ علائقي جي رهواسين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ريلي جي شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي حافظ غلام الله جان بروهي ۽ ٻين چيو ته اسرائيل جي پوپان آمريڪا ۽ ان جا اتحادي آهن هزارين معصوم ٻار، مائرون، ڀينرون، نوجوان، پوڙها جيڪي ڪتي جي موت تي ماتم ڪن ٿا، اهي خوش آهن اسلامي دنيا جي حڪمرانن کي گهرجي ته هو غيرت جو مظاهرو ڪن ۽ گڏجي فلسطين تائين پهچن.هن اسرائيلي جارحيت جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي ۽ گڏيل قومن سميت انساني حقن جي تنظيمن کي اپيل ڪئي ته هو ان سلسلي ۾ آواز اٿاري.

بقايا سنڌيار 31

ويلن جي ماني، بنيادي سهولتن کان محروم آهي پاڪستان مسلم ليگ ن جي اڳواڻ قادر بخش ڪلمتي اهڙن خيالن جو اظهار گهگهر ۾

غوث بخش شر پاران ڏنل آجياڻي تقريب کي خطاب دوران ڪيو. هن وڌيڪ چيو ته گهگهر، پيپري ۽ ٻين ڪافي علائقن ۾ جيئڻ جون بنيادي سهولتون اڻ لڀ آهن ماڻهو اڄ به پٿر جي دور واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. پر انهن جي نظر ڪرم جتي هجي اتي گهٽي گهٽي پڪي ٿيل آهي. گهگهر ۾ نه ڪو اسڪول آهي، نه پاڻي جي سهولت. نڪاسي جو بهتر نظام. هيلٿ سميت ڪا به ڊولپمينٽ نه ٿي آهي. چو نه هر ڪرپشن ذريعي پنهنجا گهر ڀرڻ ۾ مصروف آهن. سنڌ حڪومت کي مرڪز کان ساليانا 14 هزار ارب روپيا ملن ٿا پر اهي خرچ ڪٿي ٿين ٿا ڪنهن کي به نظر نه ڪونه پيا اچن. اسان جي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جو بجيٽ اڍائي ارب رپيا آهي جيڪو پڻ هر ڀيري ڪرپشن جي نظر ٿيو وڃي عوامي مسئلا ساڳيو ڪر کنيو بيٺا آهن. مليرجي مختلف علائقن ۾ ساڳي صورتحال آهي. عوام هن ڀيري ذاتي ياري دوستي، ذات پرستي مان نڪري پنهنجي ۽ پنهنجي ٻچن جي اينڊز وقت جي بهتري لاءِ ووٽ جي طاقت جي استعمال سان زرداري ليگ کي تاريخي شڪست ڏيندو. جڏهن ته آجياڻي تقريب ۾ گهگهر جي سياسي سماجي اڳواڻ جان محمد جاتي، اڳوڻي نائب ناظم امين ڪلمتي، سليم ڪلمتي، پوتار ڏٿي بخش لغاري، الاهي بخش زهراڻي ،محمد علي ٻبر، نواز علي ٻبر، قاري غلام حسين لنڊ، علي اڪبر ڪوسو، وسيم ڪلمتي ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 32

اسپيشل ايجوڪيشن اينڊ ريهيبليٽيشن سينٽر مورو جي ڪرپٽ راشي انچارج غلام رسول عالماڻي لکين رپين جي بجيٽ کي چونو هڻي هضم ڪري ڇڏيو اداري جي معذور ٻارڙن سميت اداري تي خرچ ڪرڻ جي بهاني سان لکين رپين جي بجيٽ کي چونو لڳائڻ جا اهم انڪشاف سامهون آيا آهن ذريعن وٽان اهو به معلوم ٿيو آهي ته ٻارڙن تي ڪو به ڌيان نٿو ڏنو وڃي خصوصي ٻارڙن جي تعليم بلڪل تباح آهي ٻارڙا جيين اسڪول وڃن تا تيين واپس اچن تا اداري ۾ موجود ٽيچر اڻ سيکارڻ جي هٿان خصوصي ٻارڙن جو مستقبل تباح ڪيو پيو وڃي اداري ۾ ٻارڙن لايي صاف پاڻي جي صحولت سان گڏ ٻارڙن جي لايي رانديين کيڏڻ لايي رانديون جو متيريل، رانديڪن جو پڻ ڪو به بندوبست ٿيل ناهي. سنڌ حڪومت سميت اسپيشل ايجوڪيشن ڊپارٽمنٽ جي سيڪريٽري ۽ اعليٰ اختيار رکڻ وارن کي گهرجي ته آخر لکين رپين جي بجيت جيڪا اداري مان نڪتي آهي اها ڪاٽي خرچ ٿي آهي ان جي انڪوائري ڪرايي وڃي.

بقايا سنڌيار 33

بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي 100 کان وڌيڪ ڊائلاسز جي مريضن جي جانين کي خطرو لاحق ڪو به جاني نقصان ٿيو ته ان جو ذميوار سنڌ جو نگران وڏو وزير نگران صوبائي وزيرصحت ۽ صحت کاتي جو سيڪريٽري هوندا ملازمن جي ايڪشن ڪميٽي خبر موجب ته انڊس اسپتال جي ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته انڊس هيلٿ نيٽ ورڪ جي زير انتظام پبلڪ پارٽنر شپ تي هلندڙ بدين جي ڊاڪٽر سڪندر علي ميندهرو سول انڊس اسپتال بدين کي معاهدي تحت سنڌ حڪومت طرفان هر سال ملندڙ بجٽ مان هڪ ارب ڏهه ڪروڙ روپيا ٻن سالن کان جاري نه ڪيا ويا آهن جنهن سبب انڊس هيلٿ نيٽ ورڪ طرفان سنڌس محدود بجيت مان بدين جي انڊس اسپتال جو ڪار وهنوار هلايئي ويوجنهن سبب اسپتال ڏينهو ڏينهن مالي بحران جو شڪار ٿيندي ويئي ۽ گذريل ٽن مهينن کان اسپتال جي ٻارهن سئو ملازمن جون پگهارن بند ٿيڻ ڪانپوءِ ملازمن طرفان روڊن تي اچڻ ۽ سينيئر ڊاڪٽر خالدا سڪندر ميندهرو جي مداخلت تي سنڌ جي وڏي وزير انڊس اسپتال جي رهيل بجيت هڪ ارب ڏهه ڪروڙ روپيا ٻن قسطن ۾ جاري ڪرڻ جو حڪم ڪيو ويو جنهن تي سنڌ جي فنانس واري سيڪريٽري ڪاظم جتوئي صحت کاتي کي اسپتال جي بجٽ ٻن قسطن ۾ جاري ڪري ڇڏي آهي جنهن کي به مهينو مڪمل ٿيڻ تي آهي پر سنڌ جي هڪ لساني پارٽي سان قربت رکندڙ سنڌ جي صحت کاتي جو سيڪريٽري انڊس اسپتال بدين کي بجيٽ جي رقم جاري ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي انڊس اسپتال جي ملازمن طرفان گذريل ڇهن ڏينهن کان جاري احتجاج دوران ملازمن ميڊيا کي ٻڌايو ته سيڪريٽري صحت جي تعصب پرستي ۽ هٺ ڌرمي سبب اسپتال جا سوين ملازم ٽن مهينن کان پگهارن کان محروم ٿي وڃڻ سان گڏ اسپتال جو ڪار وهنوار به ٺپ ٿي ويو آهي ۽ سومر ڏينهن کان انڊس اسپتال جو ايمرجنسي وارڊ کان علاوه اسپتال جي او پي ڊي سميت تمام شعبا بند ٿي ويندا جنهن سبب اسپتال ۾ داخل مريضن جن ۾ عورتن ۽ ٻارڙن سان گڏ ڊائلاسز جي سئو مريضن جي جانين کي خطرو لاحق ٿي ويندو ملازمن جي ايڪش ڪميٽي جي اڳواڻن ميڊيا کي ٻڌايو آهي ته اسپتال ۾ زير علاج سوين مريضن مان ڪو به جاني نقصان ٿيو ته ان جي ذميواري سنڌ جي نگران وڏي وزير صحت کاتي جي نگران صوبائي وزير ۽ سيڪريٽري صحت تي هوندي ٻئي طرف انڊس اسپتال جي ملازمن جي ايڪشن ڪميٽي طرفان اڱاري واري ڏينهن ڊي سي چوڪ تي ڌرڻو هڻڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي اعلان موجب جيستائين بجٽ جاري نٿي ڪئي وڃي ڌرڻو جاري رهندو

بقايا سنڌيار 34

جي اقتدار تي انهن قوتن جو قبضو آهي جن ملڪ کي قائد اعظم محمد علي جناح جي بنيادي جمهوري اصولن جي نفي ڪندا رهيا آهن. پاڪستان ۾ شامل تاريخي قومن جي حقن تي ڌاڙا هڻڻ جوجيڪو سلسلوشروع ٿيوهو اهو اڄ به جاري آهي. نام نهاد جمهوري حڪمرانن ۽ سڌي ريت مارشل لا حڪومتن ملڪ کي آمريڪا سامراج ۽ عالمي سامراجي ادارن آئي ايم ايف ۽ ورلڊ بينڪ وٽ وڪڻي ملڪي معشيت جوڏيوالو ڪڍي ڇڏيو آهي. ملڪ ۽ عوام جي قسمت جا فيصلا عالمي سامراجي ادارا ڪن ٿا .اڳواڻن چيو ته پيپلز پارٽي پنهنجي سموري اقتداري دور ۾ سنڌ جون لکين ايڪڙ زمينون، وسيلا ۽ معدنيات پنهنجي ذاتي جاگير سمجهي نيلام ڪيا آهن پيپلزپارٽي جي حُڪومت اقتدار خاطر بوگس ڊجيٽل آدمشماري جا نتيجا قبول ڪري سنڌي قوم سان ويساهه گهاتي ڪئي آهي. پيپلز پارٽي سنڌ دشمن منصوبن ۾ اسٽيبلشمينٽ جي ساٿاري ۽ سهولت ڪار بڻيل آهي. هن چيو ته ملڪ ۾ پارٽيون هاڻ مافيائون بڻجي چُڪيون آهن جيڪي ملڪ ۽ عوام جي ڀلائي بهبودي ۽ ترقي وترائڻ بدران ڪرپشن ڪري ارب پتي ٿي ويا آهن. سنڌ ۾ ڌاڙيلن رياست اندر رياست قائم ڪري ڇڏي آهي.جن کي سردارن جي سرپرستي حاصل آهي ڌاڙيلن خلاف آپريشن ڪرڻ سان گڏ انهن جي سرپرستن کي گرفتار ڪيو وڃي . سنڌ ۾ ڪٿي به قانون جي ڪا به حڪمراني نظر نٿي اچي. ڌاڙيلن سنڌي عوام جوجيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته اڄ ملڪ بدترين معاشي صورتحال کي منهن ڏئي رهيو آهي. ورلڊ بينڪ جي رپورٽ موجب. پاڪستان ۾ ساڍا ٻه ڪروڙ ماڻهو غربت جي لڪير کان گهٽ جي زندگي گذاري رهيا آهن اجان وڌيڪ سوا ڪروڙ ماڻهو غربت جي لڪير کان هيٺ جي زندگي گذارڻ جو انديشو آهي. ملڪي حڪمرانن مهانگائي جو ايٽم ڪيرائي عوام کي تبوڙي ڇڏيو آهي. وڏا وڏا سرمائيدار ٽيڪسن کان آجا آهن پر عوام کي ڪو به رليف نٿو ڏنو وڃي. عوامي تحريڪ طرفان سنڌ جي زمينن تي قبضن ۽ پاڻ جي هٽرادو بليڪ مارڪيٽنگ خلاف 12 ڊسمبر تي ٽنڊو باگو ۾ مظاهرو ڪيو ويندو ۽ 19 ڊسمبر تي گولاڙچي ۾ احتجاجي علامتي بک هڙتال ڪئي ويندي اجلاس ۾ اينڊز اليڪشن لاءِ ضلع جو ايڪٽوريل بورڊ جوڙيو ويو جنهن ۾ ايڊووڪيٽ رام ڪولهي مرتضا جمالي ايڊووڪيٽ اياز هاليپوٽو محمد علي ٽالپر تي مشتمل هوندو ۽ اليڪشن ۾ گولاڙچي، جي صوبائي تڪ تي جاڪرو نوحاڻي ٽنڊو باگو تڪ تي ايڊووڪيٽ فاضل زئور تلهار تڪ تي مهراڻ درس ۽ تلهار ماتلي جي قومي اسيمبلي جي تڪ تي جيوو ڪولهي اميدوار بيهارڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي .ڪائونسل اجلاس ۾ مرڪزي اڳواڻ محمد علي ٽالپر ضلع صدر جاڪرو نوحاڻي نائب صدر مهراڻ درس جنرل سيڪيٽري ايڊووڪيٽ فاضل زئور بيگم زئور هريرام منجهي ڪولهي مختيار بکاري ڏٿي بخش نوحاڻي ستو ڪولهي بهادر ٽالپر مرتضا جمالي حبيب ڪلوئي بيگم ٽالپر سلما زئور لکمڻ ڪولهي سريش ڪمار ايڊووڪيٽ محبت هاليپوٽو ڪيلاش ڪولهي ايڊووڪيٽ اياز هاليپوٽو طارق خاصخيلي ايسرداس يار محمد نظاماڻي جيون ڪمار ڪيمچند سجاد نوحاڻي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 35

جي اقتدار تي انهن قوتن جو قبضو آهي جن ملڪ کي قائد اعظم محمد علي جناح جي بنيادي جمهوري اصولن جي نفي ڪندا رهيا آهن. پاڪستان ۾ شامل تاريخي قومن جي حقن تي ڌاڙا هڻڻ جوجيڪو سلسلوشروع ٿيوهو اهو اڄ به جاري آهي. نام نهاد جمهوري حڪمرانن ۽ سڌي ريت مارشل لا حڪومتن ملڪ کي آمريڪا سامراج ۽ عالمي سامراجي ادارن آئي ايم ايف ۽ ورلڊ بينڪ وٽ وڪڻي ملڪي معشيت جوڏيوالو ڪڍي ڇڏيو آهي. ملڪ ۽ عوام جي قسمت جا فيصلا عالمي سامراجي ادارا ڪن ٿا .اڳواڻن چيو ته پيپلز پارٽي پنهنجي سموري اقتداري دور ۾ سنڌ جون لکين ايڪڙ زمينون، وسيلا ۽ معدنيات پنهنجي ذاتي جاگير سمجهي نيلام ڪيا آهن پيپلزپارٽي جي حُڪومت اقتدار خاطر بوگس ڊجيٽل آدمشماري جا نتيجا قبول ڪري سنڌي قوم سان ويساهه گهاتي ڪئي آهي. پيپلز پارٽي سنڌ دشمن منصوبن ۾ اسٽيبلشمينٽ جي ساٿاري ۽ سهولت ڪار بڻيل آهي. هن چيو ته ملڪ ۾ پارٽيون هاڻ مافيائون بڻجي چُڪيون آهن جيڪي ملڪ ۽ عوام جي ڀلائي بهبودي ۽ ترقي وترائڻ بدران ڪرپشن ڪري ارب پتي ٿي ويا آهن. سنڌ ۾ ڌاڙيلن رياست اندر رياست قائم ڪري ڇڏي آهي.جن کي سردارن جي سرپرستي حاصل آهي ڌاڙيلن خلاف آپريشن ڪرڻ سان گڏ انهن جي سرپرستن کي گرفتار ڪيو وڃي . سنڌ ۾ ڪٿي به قانون جي ڪا به حڪمراني نظر نٿي اچي. ڌاڙيلن سنڌي عوام جوجيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته اڄ ملڪ بدترين معاشي صورتحال کي منهن ڏئي رهيو آهي. ورلڊ بينڪ جي رپورٽ موجب. پاڪستان ۾ ساڍا ٻه ڪروڙ ماڻهو غربت جي لڪير کان گهٽ جي زندگي گذاري رهيا آهن اجان وڌيڪ سوا ڪروڙ ماڻهو غربت جي لڪير کان هيٺ جي زندگي گذارڻ جو انديشو آهي. ملڪي حڪمرانن مهانگائي جو ايٽم ڪيرائي عوام کي تبوڙي ڇڏيو آهي. وڏا وڏا سرمائيدار ٽيڪسن کان آجا آهن پر عوام کي ڪو به رليف نٿو ڏنو وڃي. عوامي تحريڪ طرفان سنڌ جي زمينن تي قبضن ۽ پاڻ جي هٽرادو بليڪ مارڪيٽنگ خلاف 12 ڊسمبر تي ٽنڊو باگو ۾ مظاهرو ڪيو ويندو ۽ 19 ڊسمبر تي گولاڙچي ۾ احتجاجي علامتي بک هڙتال ڪئي ويندي اجلاس ۾ اينڊز اليڪشن لاءِ ضلع جو ايڪٽوريل بورڊ جوڙيو ويو جنهن ۾ ايڊووڪيٽ رام ڪولهي مرتضا جمالي ايڊووڪيٽ اياز هاليپوٽو محمد علي ٽالپر تي مشتمل هوندو ۽ اليڪشن ۾ گولاڙچي، جي صوبائي تڪ تي جاڪرو نوحاڻي ٽنڊو باگو تڪ تي ايڊووڪيٽ فاضل زئور تلهار تڪ تي مهراڻ درس ۽ تلهار ماتلي جي قومي اسيمبلي جي تڪ تي جيوو ڪولهي اميدوار بيهارڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي .ڪائونسل اجلاس ۾ مرڪزي اڳواڻ محمد علي ٽالپر ضلع صدر جاڪرو نوحاڻي نائب صدر مهراڻ درس جنرل سيڪيٽري ايڊووڪيٽ فاضل زئور بيگم زئور هريرام منجهي ڪولهي مختيار بکاري ڏٿي بخش نوحاڻي ستو ڪولهي بهادر ٽالپر مرتضا جمالي حبيب ڪلوئي بيگم ٽالپر سلما زئور لکمڻ ڪولهي سريش ڪمار ايڊووڪيٽ محبت هاليپوٽو ڪيلاش ڪولهي ايڊووڪيٽ اياز هاليپوٽو طارق خاصخيلي ايسرداس يار محمد نظاماڻي جيون ڪمار ڪيمچند سجاد نوحاڻي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 36

جي اقتدار تي انهن قوتن جو قبضو آهي جن ملڪ کي قائد اعظم محمد علي جناح جي بنيادي جمهوري اصولن جي نفي ڪندا رهيا آهن پاڪستان ۾ شامل تاريخي قومن جي حقن تي ڌاڙا هڻڻ جوجيڪو سلسلوشروع ٿيوهو اهو اڄ به جاري آهي. نام نهاد جمهوري حڪمرانن ۽ سڌي ريت مارشل لا حڪومتن ملڪ کي آمريڪا سامراج ۽ عالمي سامراجي ادارن آئي ايم ايف ۽ ورلڊ بينڪ وٽ وڪڻي ملڪي معشيت جوڏيوالو ڪڍي ڇڏيو آهي. ملڪ ۽ عوام جي قسمت جا فيصلا عالمي سامراجي ادارا ڪن ٿا .اڳواڻن چيو ته پيپلز پارٽي پنهنجي سموري اقتداري دور ۾ سنڌ جون لکين ايڪڙ زمينون، وسيلا ۽ معدنيات پنهنجي ذاتي جاگير سمجهي نيلام ڪيا آهن پيپلزپارٽي جي حُڪومت اقتدار خاطر بوگس ڊجيٽل آدمشماري جا نتيجا قبول ڪري سنڌي قوم سان ويساهه گهاتي ڪئي آهي. پيپلز پارٽي سنڌ دشمن منصوبن ۾ اسٽيبلشمينٽ جي ساٿاري ۽ سهولت ڪار بڻيل آهي. هن چيو ته ملڪ ۾ پارٽيون هاڻ مافيائون بڻجي چُڪيون آهن جيڪي ملڪ ۽ عوام جي ڀلائي بهبودي ۽ ترقي وترائڻ بدران ڪرپشن ڪري ارب پتي ٿي ويا آهن. سنڌ ۾ ڌاڙيلن رياست اندر رياست قائم ڪري ڇڏي آهي.جن کي سردارن جي سرپرستي حاصل آهي ڌاڙيلن خلاف آپريشن ڪرڻ سان گڏ انهن جي سرپرستن کي گرفتار ڪيو وڃي . سنڌ ۾ ڪٿي به قانون جي ڪا به حڪمراني نظر نٿي اچي. ڌاڙيلن سنڌي عوام جوجيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته اڄ ملڪ بدترين معاشي صورتحال کي منهن ڏئي رهيو آهي. ورلڊ بينڪ جي رپورٽ موجب. پاڪستان ۾ ساڍا ٻه ڪروڙ ماڻهو غربت جي لڪير کان گهٽ جي زندگي گذاري رهيا آهن اجان وڌيڪ سوا ڪروڙ ماڻهو غربت جي لڪير کان هيٺ جي زندگي گذارڻ جو انديشو آهي. ملڪي حڪمرانن مهانگائي جو ايٽم ڪيرائي عوام کي تبوڙي ڇڏيو آهي. وڏا وڏا سرمائيدار ٽيڪسن کان آجا آهن پر عوام کي ڪو به رليف نٿو ڏنو وڃي. عوامي تحريڪ طرفان سنڌ جي زمينن تي قبضن ۽ پاڻ جي هٽرادو بليڪ مارڪيٽنگ خلاف 12 ڊسمبر تي ٽنڊو باگو ۾ مظاهرو ڪيو ويندو ۽ 19 ڊسمبر تي گولاڙچي ۾ احتجاجي علامتي بک هڙتال ڪئي ويندي اجلاس ۾ اينڊز اليڪشن لاءِ ضلع جو ايڪٽوريل بورڊ جوڙيو ويو جنهن ۾ ايڊووڪيٽ رام ڪولهي مرتضا جمالي ايڊووڪيٽ اياز هاليپوٽو محمد علي ٽالپر تي مشتمل هوندو ۽ اليڪشن ۾ گولاڙچي، جي صوبائي تڪ تي جاڪرو نوحاڻي ٽنڊو باگو تڪ تي ايڊووڪيٽ فاضل زئور تلهار تڪ تي مهراڻ درس ۽ تلهار ماتلي جي قومي اسيمبلي جي تڪ تي جيوو ڪولهي اميدوار بيهارڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي .ڪائونسل اجلاس ۾ مرڪزي اڳواڻ محمد علي ٽالپر ضلع صدر جاڪرو نوحاڻي نائب صدر مهراڻ درس جنرل سيڪيٽري ايڊووڪيٽ فاضل زئور بيگم زئور هريرام منجهي ڪولهي مختيار بکاري ڏٿي بخش نوحاڻي ستو ڪولهي بهادر ٽالپر مرتضا جمالي حبيب ڪلوئي بيگم ٽالپر سلما زئور لکمڻ ڪولهي سريش ڪمار ايڊووڪيٽ محبت هاليپوٽو ڪيلاش ڪولهي ايڊووڪيٽ اياز هاليپوٽو طارق خاصخيلي ايسرداس يار محمد نظاماڻي جيون ڪمار ڪيمچند سجاد نوحاڻي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 37

جي اقتدار تي انهن قوتن جو قبضو آهي جن ملڪ کي قائد اعظم محمد علي جناح جي بنيادي جمهوري اصولن جي نفي ڪندا رهيا آهن. پاڪستان ۾ شامل تاريخي قومن جي حقن تي ڌاڙا هڻڻ جوجيڪو سلسلوشروع ٿيوهو اهو اڄ به جاري آهي. نام نهاد جمهوري حڪمرانن ۽ سڌي ريت مارشل لا حڪومتن ملڪ کي آمريڪا سامراج ۽ عالمي سامراجي ادارن آئي ايم ايف ۽ ورلڊ بينڪ وٽ وڪڻي ملڪي معشيت جوڏيوالو ڪڍي ڇڏيو آهي. ملڪ ۽ عوام جي قسمت جا فيصلا عالمي سامراجي ادارا ڪن ٿا .اڳواڻن چيو ته پيپلز پارٽي پنهنجي سموري اقتداري دور ۾ سنڌ جون لکين ايڪڙ زمينون، وسيلا ۽ معدنيات پنهنجي ذاتي جاگير سمجهي نيلام ڪيا آهن پيپلزپارٽي جي حُڪومت اقتدار خاطر بوگس ڊجيٽل آدمشماري جا نتيجا قبول ڪري سنڌي قوم سان ويساهه گهاتي ڪئي آهي. پيپلز پارٽي سنڌ دشمن منصوبن ۾ اسٽيبلشمينٽ جي ساٿاري ۽ سهولت ڪار بڻيل آهي. هن چيو ته ملڪ ۾ پارٽيون هاڻ مافيائون بڻجي چُڪيون آهن جيڪي ملڪ ۽ عوام جي ڀلائي بهبودي ۽ ترقي وترائڻ بدران ڪرپشن ڪري ارب پتي ٿي ويا آهن. سنڌ ۾ ڌاڙيلن رياست اندر رياست قائم ڪري ڇڏي آهي.جن کي سردارن جي سرپرستي حاصل آهي ڌاڙيلن خلاف آپريشن ڪرڻ سان گڏ انهن جي سرپرستن کي گرفتار ڪيو وڃي . سنڌ ۾ ڪٿي به قانون جي ڪا به حڪمراني نظر نٿي اچي. ڌاڙيلن سنڌي عوام جوجيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته اڄ ملڪ بدترين معاشي صورتحال کي منهن ڏئي رهيو آهي. ورلڊ بينڪ جي رپورٽ موجب. پاڪستان ۾ ساڍا ٻه ڪروڙ ماڻهو غربت جي لڪير کان گهٽ جي زندگي گذاري رهيا آهن اجان وڌيڪ سوا ڪروڙ ماڻهو غربت جي لڪير کان هيٺ جي زندگي گذارڻ جو انديشو آهي. ملڪي حڪمرانن مهانگائي جو ايٽم ڪيرائي عوام کي تبوڙي ڇڏيو آهي. وڏا وڏا سرمائيدار ٽيڪسن کان آجا آهن پر عوام کي ڪو به رليف نٿو ڏنو وڃي. عوامي تحريڪ طرفان سنڌ جي زمينن تي قبضن ۽ پاڻ جي هٽرادو بليڪ مارڪيٽنگ خلاف 12 ڊسمبر تي ٽنڊو باگو ۾ مظاهرو ڪيو ويندو ۽ 19 ڊسمبر تي گولاڙچي ۾ احتجاجي علامتي بک هڙتال ڪئي ويندي اجلاس ۾ ايضا جمالي ايڊووڪيٽ اياز هاليپوٽو محمد علي ٽالپر تي مشتمل هوندو ۽ اليڪشن ۾ گولاڙچي، جي صوبائي تڪ تي جاڪرو نوحاڻيٽونسل اجلاس ۾ مرڪزي اڳواڻ محمد علي ٽالپر ضلع صدر جاڪرو نوحاڻي نائب صدر مهراڻ درس جنرل سيڪيٽري ايڊووڪيٽ فاضل زئور بيگم زئور هريرام منجهي ڪولهي مختيار بکاري ڏٿي بخش نوحاڻي ستو ڪولهي بهادر ٽالپر مرتضا جمالي حبيب ڪلوئي بيگم ٽالپر سلما زئور لکمڻ ڪولهي سريش ڪمار ايڊووڪيٽ محبت هاليپوٽو ڪيلاش ڪولهي ايڊووڪيٽ اياز هاليپوٽو طارق خاصخيلي ايسرداس يار محمد نظاماڻي جيون ڪمار ڪيمچند سجاد نوحاڻي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

Reg No 2677 ABC Certified
ايڊيٽر اعجاز مهر
روزاني سنڌيار ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏيارينداسين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671
sindhyarnews@gmail.com